جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

ABC
CARTL

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاهه

جلد 17 | اربع 11 نومبر 2026ع بمطابق 30 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو31

وڏي وزير جو اجلاس: 750 سرڪاري اسڪول 10 سالن لاءِ نجي شعبي حوالي ڪرڻ جي منظوري

نجي سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ ترقيءَ جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ ذريعي تاريخي قدمن جي هڪ سيريز جي منظوري ڏني

جنهن ۾ 750 اسڪولن جي آئوٽ سورسنگ، ڪيٽي بندر کي مٽريٽائيم ۽ اقتصادي مرڪز طور ترقي ڏيڻ، سکر جي پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال واري نظام جي نئين سر جوڙجڪ ۽ وڏا روڊ ڪنيڪشن منصوبا شامل

گهوٽڪي_ڪنڌڪوٽ پل لاءِ 2 ارب رپين جي بريج فنانسنگ ۽ ڪراچي جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ، صنعتي سيڙپڪاري کي وڌائڻ ۽ جديد ڊجيٽل سهولتون متعارف ڪرائڻ لاءِ ڪيترن ئي قدمن جي منظوري پڻ ڏني

اهي فيصلا جن ۾ سٺن سرڪاري ڪاتن جون تجويزون شامل هيون صوبائي حڪومت جي ان عزم جي عڪاسي ڪن ٿا ته نجي شعبي جي مهارت، سيڙپڪاري ۽ ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي ضروري خدمتن کي بهتر بڻايو وڃي

وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جو چيئرمين نجم شاهه، بورڊ آف روينيو جي سينيئر ميمبر خالد حيدر شاهه ۽ ٻين سينيئر اختيارين شرڪت ڪئي.

وڏي وزيران ڳالهه تي زور ڏنو ته منظور ٿيل قدمن کي شفاف مقابلي جي عمل، مضبوط منصوبي جي تياري ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي وچ ۾ اثرائتي ريليپ سان عمل درآمد ڏانهن وڌايو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) صوبي ۾ پبلڪ سروس کي وڌيڪ فعال بڻائڻ، نجي سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ ترقيءَ جي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ ذريعي تاريخي قدمن جي هڪ سيريز جي منظوري ڏني جنهن ۾ 750 اسڪولن جي آئوٽ سورسنگ، ڪيٽي بندر کي مٽريٽائيم ۽ اقتصادي مرڪز طور ترقي ڏيڻ، سکر جي پاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

گورنر راڄ ۾ گرفتارين خلاف ڪيسز نه ٻڌا وڃن، آئيني عدالت جي فيصلي خلاف خيبرپختونخواهه ۾ وڪيلن هڙتال شروع ڪري ڇڏي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ وڪيلن اڄ وفاقي آئيني عدالت جي انهي فيصلي خلاف هڙتال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

آمريڪي صدر نيٽلي بيڪر کي پاڪستان ۾ سفير مقرر ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ناظم الامور نيٽيلي بيڪر کي پاڪستان ۾ نئون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سنڌ حڪومت 10 لک گهر ٺاهي تاريخ رقم ڪري ڇڏي آهي : بلاول ڀٽو

هن وقت سڄي دنيا معاشي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي، تاريخي مهانگائي سبب عوام حڪومتن ڏانهن ڏسي رهيو آهي ته ڏکئي وقت ۾ ڪير سندن ساٿ ڏئي ٿو

عوام کي نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست نه، پر پنهنجن معاشي مسئلن جو حل گهرجي سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن سان ڪيل واعدا پورا ڪري تاريخ رقم ڪئي آهي

معاشي بحران، تعليمي مسئلن ۽ بيروزگاريءَ جي موجوده صورتحال ۾ سياسي پارٽين جون ذميواريون وڌيڪ وڌي ويون آهن اهي 10 لک گهر رڳو عمارتون ناهن، پر انهن جي مالڪن کي زمين جي مالڪيءَ جو حق پڻ ڏنو ويو آهي

اسان گهرن ۾ رهندڙ عورتن کي زمين جو مالڪ بڻايو، جن ماڻهن وٽ پنهنجو گهر نه هو، انهن لاءِ گهر تعمير ڪري ڏنا ۽ زمين جي ملڪيت پڻ منتقل ڪئي

عوام حڪومتن ڏانهن هڪ ٻئي کي ويڙهائڻ يا ورهاڱي جي سياست لاءِ نه، پر پنهنجي زندگي آسان بڻائڻ ۽ مسئلن جي حل جي اميد سان ڏسندو آهي

سنڌ حڪومت جا گهر تعمير ڪرڻ ۽ مفت علاج جا منصوبا عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ آهن حڪومتن جي ذميواري آهي ته عوام کي سهولتون فراهم ڪن ۽ ڏکين حالتن ۾ سندن معاشي تحفظ يقيني بڻائين

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سنڌ حڪومت ٽن سالن ۾ 10 لک گهر تعمير ڪري تاريخ رقم ڪري ڇڏي آهي. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن لاءِ تعمير ٿيل گهرن جي تڪميل واري تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن وقت سڄي دنيا معاشي بحران کي منهن ڏئي رهي آهي، تاريخي مهانگائي سبب عوام حڪومتن ڏانهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي

ڪابينه ڪميٽي نيسپاڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو جي بورڊز بابت تجويزن جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪابينه ڪميٽي جو اجلاس ناڻي وزارت ۾ وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو

اجلاس ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد حسين مگسي، لاڳاپيل وفاقي سيڪريٽرين ۽ مختلف وزارتن، ڊويزن ۽ ريگيوليٽري ادارن جي سينيئر نمائندن شرڪت

اجلاس ۾ مقرر ايجنڊا آئٽمز تي غور ويچار ڪان پوءِ انهن جي منظوري ڏني وئي. ناڻي واري وزير هدايت

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ منعقد ڪابينه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ٽربيلا حادثو: 82 ارب روپين جو منصوبو 200 ارب تائين پهچڻ جو امڪان

اٽڪ جي ضلعي انتظاميا سنڌو درياهه پرسان ڇڇ ڳوٺ جي رهواسين کي احتياط ڪرڻ جي هدايت

پنهنجا چوپايو مال ترت محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪن. حضرو انتظاميا طرفان مختلف مسجدن ۾ اعلان پڻ ڪرايا ويا آهن

هري پور (م ڊ) تربيلا ڊيم مان اڄ رات سنڌو درياهه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

جي يو آءِ(ف) جو سينئر اڳواڻ مفتي اويس عزيز گرفتار، پارٽي ترجمان طرفان سخت لفظن ۾ مذمت

اسلام آباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام پاڪستان اسلام آباد جي امير مفتي اويس عزيز کي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ايران خلاف جنگ اسان کي نقصان پهچايو: صدر ٽرمپ جو اعتراف

ايران خلاف جنگ کي وڌيڪ وڌائڻ جو ڪو سبب ناهي ۽ سندس اهڙو ڪو ارادو به ناهي

انهن حملن ذريعي ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪيو ويو، جيڪو تاريخي لحاظ کان درست فيصلو ثابت ٿيندو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف جنگ کي وڌيڪ نه وڌائڻ جو اشارو ڏيندي هڪ ڀيرو ٻيهر اعتراف ڪيو آهي ته چونڊن ۾ شڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪراچي ملڪ کي ڊالر ڪمائي ڏئي ٿو، بدلي ۾ وفاق شهر کي ڇا ٿو ڏئي؟ ”سنڌ جي گئس پنجاب استعمال پيو ڪري: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي شهر جي مالڪي سيني کي قبول ڪرڻي پوندي، چو ته ڪراچي هلندو ته ملڪ هلندو، ان ۾ ڪو به راءِ ناهن

وڏين قربانين کانپوءِ ڊپ واري ڪراچي کي پوئتي ڇڏي آيا آهيون، هاڻي سنڌ حڪومت واپارين ۽ صنعتڪارن کي تحفظ فراهم ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي ملڪ لاءِ آمدني ۽ ڊالر ڪمائي ڏئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ERNMENT OF SINDH
AND
EVELOPMENT & MANAGEMENT COMPANY
INFRASTRUCTURE DEVELOPMENT WORKS
KARACHI INDUSTRIAL AREA
DATION STONE LAID BY
R MURTAZA WAHAB
Mayor Karachi

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضي وهاب ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪندي

نوان صوبا ٺاهڻ يا نه ٺاهڻ جو فيصلو پارليامينٽ ۾ ٿيڻو آهي: راڻا ثناءُ الله

جيڪڏهن قانونسازي هاڻي ڪئي وڃي ۽ ان تي عمل ايندڙ چونڊن کانپوءِ ٿئي ته ڇا اها ڳالهه عملي طور ممڪن لڳي ٿي؟

پارليامينٽ ئي اهو فورم آهي، جتي ريفرنڊم ڪرائڻ يا نه ڪرائڻ بابت فيصلو ٿيندو ۽ اهو پڻ طئي ڪيو ويندو ته ريفرنڊم ۾ ڪهڙو سوال رکيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

متاثهين علائقن ۾ برسات، برفباري جي اڳڪٿي، ڪراچي ۾ ٿڌين هوائن لڳڻ جو امڪان

ڪوئٽه، زيارت، چمن، قلعه سيف الله، قلعه عبدالله، قلات ۽ خضدار ۾ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي متاثهين علائقن ۾ ايندڙ ٻن کان ٽن ڏينهن جي دوران تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جڏهن ته جابلو علائقن ۾ برفباري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ٻوڏ متاثرين لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿي وئي آهي: شرجيل ميمڻ

ايس پي ايڇ ايف جي تحت 24 ضلعن ۾ 10 لک کان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن. ٻوڏ متاثرين کي مستقل ۽ محفوظ رهائش فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي

بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي ٻوڏ متاثرين جي بحالي کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي 2022 جي ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل خاندانن جي لاءِ مستقل گهر تعمير ڪيا پيا وڃن

خيرپور ۾ سيني کان وڌيڪ هڪ لک 67 هزار 379 گهر مڪمل ڪيا ويا آهن. ٻوڏ متاثر عورتن کي نئين تعمير ٿيل گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سموري سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرين جي لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿي چڪي آهي. پنهنجي بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته ايس پي ايڇ ايف جي تحت 24 ضلعن ۾ 10 لک کان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن. ٻوڏ متاثرين کي مستقل ۽ محفوظ رهائش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسپيڪر جي پاڪستان ملائيشيا فرينڊشپ ايسوسيئيشن جي پنجين ايوارڊز تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت

تقريب ۾ ملائيشيا، عمان، بنگلاديش، سري لنڪا ۽ قطر جي سفارتي نمائندن، واپاري شخصيتن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جي آمد تي ملائيشيا جي قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم ۽ ايسوسيئيشن جي صدر شاهد جاويد قريشي سندس آجيان

پاڪستان ۽ ملائيشيا جا لاڳاپا گڏيل احترام، مشترڪ قدرن ۽ ثقافتي هم آهنگي تي ٻڌل آهن : اويس قادر شاهه

ڪراچي (رپورٽر) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه ڪراچي جي هڪ خانگي هوٽل ۾ پاڪستان ملائيشيا فرينڊشپ ايسوسيئيشن (PMFA)جي پنجين ايوارڊز تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ملائيشيا، عمان،/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28



ڪراچي: ايم اي جناح روڊ پرائم سينٽر تي لڳل باهه جو ڏيک

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان آڪٽوبر ۾ 3 ارب 90 ڪروڙ ڊالرن جون رڪارڊ پرڏيهي وصوليون

پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين آڪٽوبر مهيني دوران 3 ارب 90 ڪروڙ ڊالر پنهنجي وطن موڪليا

گذريل سال جي ساڳئي مهيني جي ڀيٽ ۾ پرڏيهي موڪليل رقم ۾ 13.8 سيڪڙو، سيپٽمبر جي ڀيٽ ۾ 8.5 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

پهرين چئن مهينن، جولاءِ کان آڪٽوبر تائين، مجموعي طور پاڪستان کي 14 ارب 80 ڪروڙ ڊالرن جون پرڏيهي موڪلون وصول ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان آڪٽوبر 2026ع دوران ملڪ ۾ وصول ٿيندڙ پرڏيهي موڪليل رقم جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. جن موجب پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين آڪٽوبر مهيني دوران 3 ارب 90 ڪروڙ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ريفرنڊم ذريعي آئين ۾ ترميم نه ٿي سگهي: سيد نيئر حسين بخاري

آئين سازن آئيني ترميمن جي طريقيڪار کي پاڻ آئين ۾ واضح ڪري رکيو آهي سيد نيئر حسين بخاري

نون صوبن جي قيام جو آئيني ۽ جمهوري فورم صرف پارليامينٽ آهي، پارليامينٽ ۾ نون صوبن جي قيام تي ڪا به باضابطا بحث نه ٿي رهي آهي

پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ وفاقي وزير پارليامينٽ کان ٻاهر نون صوبن جون تجويزون ڇو ڏئي رهيا آهن؟

اسلام آباد (بيورو)سيڪريٽري جنرل پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرينز سيد نيئر حسين بخاري چيو آهي ته ريفرنڊم ذريعي آئين ۾ ترميم نه ٿي سگهي، هن چيو ته آئين سازن آئيني ترميمن جي طريقيڪار کي پاڻ آئين ۾ واضح ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي ۾ مختلف علائقن مان وڌيڪ 4 ڦورو گرفتار

ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن، باٿ آئيلينڊ ۾ ڪارروائي ڪندي گهر ۾ چوريءَ ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن وٽان 10 تولا سون جا 6 بسڪيٽ ۽ 5 لک رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علائقي يعقوب آباد ۾ پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ زخمي سميت ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

بزنس اينڊ ايگريڪلچر لون سان نوڪرين جا موقعا پيدا ٿي رهيا آهن: راڻا مشهود احمد خان

نوجوانن کي ترقي جا برابر موقعا فراهم ڪري رهيا آهيون. بزنس اينڊ ايگريڪلچر لون سان نوڪرين جا موقعا پيدا ٿي رهيا آهن

عورتن کي بااختيار بڻائڻ وزيراعظم جو نصب العين آهي، هن سال اسٽارٽ اپس لاءِ عورتن جي شرح کي 30 سيڪڙو تائين آڻڻ آهي

اسٽارٽ اپس شروع ڪرڻ ۾ عورتن جي شرح 11 سيڪڙو رهي، حڪومت ايس ايم ايز کي هٿي وٺرائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان چيو آهي، ته نوجوانن کي ترقي جا برابر موقعا فراهم ڪري رهيا آهيون. بزنس اينڊ ايگريڪلچر لون سان نوڪرين جا موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. هلندڙ سال نوجوانن لاءِ 292 ارب روپين جا قرض ڏنا ويا. اگاري تي پريس ڪانفرنس ۾ راڻا مشهود احمد خان چيو ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ وزيراعظم جو ن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪنهن به وزير خلاف ڪرپشن جي شڪايت سامهون آئي ته ڪيس ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو: مريم نواز

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز پنهنجي ڪابينا جي وزيرن کي ڪرپشن بابت سخت وارننگ

ڪنهن به وزير خلاف ڪرپشن جي شڪايت سامهون آئي ته ڪيس ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو

ڪرپشن خلاف بيان ڏيڻ وارن کي هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿي، اهي پنهنجي ايندڙ سياسي بندوبست ۾ لڳل آهن

اهڙن ماڻهن جي تربيت ئي اهڙي ماحول ۾ ٿي آهي، جتي اهي پڇندا هئا ته ڪيتري رشوت وٺڻي آهي

جهلم (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز پنهنجي ڪابينا جي وزيرن کي ڪرپشن بابت سخت وارننگ ڏيندي چيو آهي ته ڪنهن به وزير خلاف ڪرپشن جي شڪايت سامهون آئي ته ڪيس ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو جهلم /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ويڪسين جي معاملي ۾ ڪرپشن جو معاملو، وفاقي وزير صحت انڪوائري رپورٽ سامهون آڻي ڇڏي

حاجين لاءِ ويڪسين جي خريداري ۾ مبينه ڪرپشن بابت انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ اڄ عوام آڏو آڻي رهي آهي

صحت واري وزارت کي ٻڌائڻ کان سواءِ ويڪسين جي پروڪيورمنٽ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي صحت واري وزارت حاجين لاءِ ويڪسين جي خريداري ۾ مبينه ڪرپشن بابت انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ عوام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪلين انرجي کي هٿي وٺرائڻ ۽ نوجوانن کي ڪاروباري موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي: ڊاڪٽر مصدق ملڪ

پاڪستان اهو ڪم ڪنهن پرڏيهي مالي معاونت کانسواءِ پنهنجن ٻارن ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي

موسمياتي تبديلي جي ذميدار ملڪن ۽ ان جي اثرن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو وڃي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ

دنيا جا 3 ملڪ اٽڪل 40 سيڪڙو، 10 ملڪ مجموعي طور تي اٽڪل 70 سيڪڙو گرين هائوس گيسز جي نيڪال جا ذميدار آهن

موسمياتي تباهڪارين جا اثر پاڪستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن کي برداشت ڪرڻا پئجي رهيا آهن

انطاليه (م ڊ) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگيءَ واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته پاڪستان موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي منهن ڏيڻ، کوهيڙي جي خاتمي، ڪلين انرجي کي هٿي وٺرائڻ ۽ نوجوانن کي ڪاروباري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ٻن مهينن ۾ پيٽروليم ليوي مان 220 ارب وصول، حڪومت نئون حدف به مقرر ڪري ڇڏيو

گذريل مالي سال جي دوران پيٽروليم ليوي مان حاصل ٿيل آمدني شروعاتي بجيٽ اندازي کان به ڪافي وڌيڪ رهي هئي

حڪومت انهي مد ۾ 1.468 ٽريلين روپيه جمع ڪرڻ جو اندازو لڳايو هو

اسلام آباد (بيورو) حڪومت مالي سال 2026_27 جي شروعاتي ٻن مهينن جي دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 220 ارب روپيه جمع ڪري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

Consulate General of Malaysia, Karachi
PATEX
MEO
EMPIRE GROUP
Italia Maz
SILKWA IMPEX
PG

ڪراچي: اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه کي گلدستو پيش ڪيو پيو وڃي

سانگهڙ ۾ ٻن ڪڌڙن فقيرن ۾ جهيڙو، هڪ قتل

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي علائقي شهدادپور ۾ ٻن ڪڌڙن فقيرن وچ ۾ معمولي ڳالهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

لاڙڪاڻو ۾ زهريلي چانهه پيئڻ سبب 12 ڄڻا بيهوش

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي علائقي الله آباد ۾ زهريلي چانهه پيئڻ سبب هڪ ئي گهر جا 12 ڀاتي بيهوش ٿي ويا. بيهوش ٿيندڙن ۾ م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

23 هزار 155 ڪلوميٽرن جي بنا وقفي اڏام، گنيز ورلڊ رڪارڊ قائم

ٽولوز تائين ٿيل ان اڏام دوران جهاز 23 هزار 155 ڪلوميٽرن جو فاصلو بنا ڪنهن وقفي جي طئي ڪيو

ان سفر دوران جهاز پئسفڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪندي آسٽريليا، اتر آمريڪا ۽ يورپ تائين پهتو

ڪراچي (رپورٽر) ايئربس تصديق ڪئي آهي ته سندس الٽرا لانگ رينج جهاز اي350_1000، پراجيڪٽ سن رائز تحت 24 ڪلاڪ ۽ 24 منٽن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ نينگريءَ سان جنسي زيادتي، جوابدار کي 14 سال قيد جي سزا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ گهٽ عمر نينگريءَ سان جنسي زيادتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

مڪاني چونڊون، ڪيس جلد مقرر ڪرڻ جي درخواست منظور

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب ۾ مڪاني چونڊون غيرجماعتي بنيادن تي ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

بلوچستان ۾ ڪارروايون، 2 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار، مواصلاتي سامان ۽ روڪ رقم پڻ هٿ ڪئي وئي

ڪوئيٽا(م ڊ) بلوچستان جي ضلعي ڪيچ جي علائقي دشت، بال نگور ۾ سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

مشهور راڳي ممتاز علي لاشاري جي اڳوڻي گهرواري مهرالنساءِ سمون ٻارن جي خرچ ۽ پرورش لاءِ عدالت سان رجوع ڪري ورتو

حيدرآباد(رپورٽر) مشهور راڳي ممتاز علي لاشاري جي اڳوڻي گهرواري مهرالنساءِ سمون ٻا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي ۾ ڪار سوار شهري جو قتل، جوابدار گرفتار

بلديا ٽائون جي سپارڪو روڊ تي پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو ٿيو، جنهن دوران ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بلديا ٽائون ۾ سپارڪو روڊ تي پوليس مقابلي دوران ڪار سوار شهري جي قتل ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

آئيني بينچ پاڪستاني ڄائي آمريڪي ڊاڪٽر شائسته رئوف کي آف لوڊ ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ پاڪستاني نادآمريڪي ڊاڪٽر شائسته رؤف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي ۾ نينگريءَ سان جنسي زيادتي، جوابدار کي 14 سال قيد جي سزا

عدالت جوابدار تي 14 سال قيد سان گڏ 10 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو

متاثر نينگريءَ ٻاران ٽرائل دوران جوابدار کي معاف ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ گهٽ عمر نينگريءَ سان جنسي زيادتي جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

سنڌ حڪومت جي انتظام هيٺ ٻن ڏينهن وارو ڪيڏو ڪراچي انٽر اسڪول ۽ ڪالجيٽ گرلز گيمز 2026 جو آغاز

35 کان وڌيڪ سرڪاري توڙي نجي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي 500 کان وڌيڪ شاگرديائين جي شرڪت

خاتونِ پاڪستان گورنمينٽ ڊگري گرلز ڪاليج ۾ ٻن ڏينهن وارو ڪيڏو ڪراچي انٽر اسڪول ۽ ڪالجيٽ گرلز گيمز 2026 منعقد ڪيو ويو

منور علي مهيسر ۽ اسپورٽس ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسد اسحاق رنگ برنگي غبارا فضا ۾ ڇڏي گيمز جو باقاعدي افتتاح ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پوري صوبي جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۽ شاگردن توڙي شاگرديائين کي راندين جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ راندين جو دائرو تعليمي ادارن تائين وسيع ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

Girls Games 2026
on the occasion of
IQBAL DAY
4 DISCIPLINES
TAPE BALL CRICKET
FUTSAL
TABLE TENNIS
BADMINTON
10th & 11th NOVEMBER 2026
Venue Partner: Khattoon-e-Pakistan Govt Degree Girls & Zindagi Trust School
Supporting Partner: Govt School Education East College Education Department Private School & College Education
Beverage Partner: Quice Juice:
Secretary Sports & Youth Affairs Department Government of Sindh
Sports for Progressive Sindh

ڪراچي: اقبال ڏهاڙي جي موقعي تي راندين ۾ منور علي مهيسر ونيل آهي

لياري جي عوام ضمني چونڊ ۾ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو: ڪرم الله وقاصي

لياري جي عوام ضمني چونڊ ۾ پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، خليل احمد هوت جي ڪاميابي عوام جي چونڊ عمل ۾ شرڪت ۽ مقامي سطح تي سياسي حمايت جو اظهار آهي

ڪاميابي جي اعلان کانپوءِ لياري ۾ جشن جو ماحول پيدا ٿي ويو، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ جيالن خوشي جو اظهار

لياري جي ضمني چونڊ دوران ڪجهه مخالفن پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف غيراخلاقي مهم هلائي ۽ ترقياتي ڪمن بابت سوال اٿاريا

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي، يونين ڪميٽي 8 جي وائيس چيئرمين واري سيٽ تي پ پ اميدوار خليل احمد هوت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اربع 11 نومبر 2026ع بمطابق 30 جمادي الاول 1448ھ

نوجوانن کي معاشي خودمختياري ڏيارڻ جي ضرورت

ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جو دارومدار ان جي نوجوان نسل کي فراهم ڪيل موقعن تي هوندو آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ نوجوانن جو وڏو انگ تعليم حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. سرڪاري نوڪرين جا محدود موقعا ۽ خانگي شعبي ۾ روزگار جي کوٽ سبب نوجوانن جون صلاحيتون ضايع ٿي رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ وفاقي حڪومت پاران وزيراعظم يوٿ بزنس اينڊ ايگريڪلچر لون اسڪيم تحت قرض جي حد وڌائڻ وارو فيصلو هڪ اهم قدم آهي.

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ نوجوانن لاءِ قرض جي وڌ ۾ وڌ حد 75 لک رپين مان وڌائي اڍائي ڪروڙ رپيا ڪرڻ، جڏهن ته قرض حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر 21 سالن مان گهٽائي 18 سال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ هلندڙ سال قرضن لاءِ 292 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. جڏهن ته مجموعي قرضن جو 30 سيڪڙو عورتن لاءِ مخصوص ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي آهي. انهن قدمن جو مقصد نوجوانن کي ڪاروبار ۽ زراعت جي شعبي ۾ اڳتي آڻي معاشي طور خودمختيار بڻائڻ آهي.

حقيقت اها آهي ته ملڪ ۾ ڪيترائي نوجوان ڪاروبار ڪرڻ، ننڍي صنعت قائم ڪرڻ ۽ جديد زرعي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي صلاحيت رکن ٿا، پر سرمائي جي کوٽ ۽ بئنڪن جي ڏکين شرطن سبب پنهنجا خواب پورا نٿا ڪري سگهن. حڪومت جي ذميواري آهي ته قرضن جي فراهميءَ جو طريقو آسان بڻائي، جيئن بنا سفارش ۽ سياسي اثر رسوخ جي حقيقي حقدار نوجوانن تائين مالي سهڪار پهچي سگهي. خاص طور سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ننڍن شهرن جي نوجوانن کي به هن اسڪيم ۾ برابر موقعا ملڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته اتي بيروزگاري ۽ معاشي پسماندگيءَ جا مسئلا وڌيڪ شدت سان موجود آهن.

زراعت جي شعبي ۾ نوجوانن جي شموليت پڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ سميت ملڪ جي زرعي علائقن ۾ جديد مشينري، بهتر ٻج، مال پالڻ، پولٽري فارمنگ ۽ زرعي شين جي ڪاروبار لاءِ نوجوانن کي قرض فراهم ڪري سگهجن ٿا. اهڙي ريت عورتن لاءِ مخصوص ڪيل 30 سيڪڙو قرضن ذريعي ڪين ننڍا ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جا موقعا ملي سگهن ٿا. پر ان مقصد لاءِ قرضن سان گڏ فني تربيت، ڪاروباري رهنمائي ۽ مارڪيٽ تائين پهچ جون سهولتون فراهم ڪرڻ به ضروري آهي.

حڪومت کي اهو به يقيني بڻائڻ گهرجي ته قرضن جي ورڇ ۾ شفافيت برقرار رهي ۽ سياسي سفارش، اقرباپروري ۽ ڪرپشن جي ڪا گنجائش نه هجي. قرض حاصل ڪندڙ نوجوانن کي ڪاروبار هلائڻ بابت تربيت ڏني وڃي، جيئن اهي قرضن جو بهتر استعمال ڪري سگهن ۽ مقرر وقت تي واپسي به ڪري سگهن. رڳو قرضن جي رقم وڌائڻ سان بيروزگاريءَ جو مسئلو حل نه ٿيندو، پر ان لاءِ سازگار ڪاروباري ماحول، بجليءَ جي مناسب فراهمي، ٽيڪسن ۾ سهولتون ۽ مارڪيٽ تائين رسائي به ضروري آهي.

ملڪ جي معاشي ترقيءَ لاءِ نوجوانن کي روزگار ڳولڻ وارن بدران روزگار پيدا ڪندڙ بڻائڻو پوندو. وزيراعظم يوٿ بزنس اينڊ ايگريڪلچر لون اسڪيم جو اصل مقصد به اهوئي هجڻ گهرجي ته نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ ۽ معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا حقيقي موقعا ملن. حڪومت کي گهرجي ته اعلان کان اڳتي وڌي هن اسڪيم تي عملي، منصفاڻي ۽ شفاف نموني عمل ڪرائي، جيئن ان جا فائدا ملڪ جي هر صوبي، ننڍي شهر ۽ ٻهراڙيءَ تائين پهچي سگهن. چو ته نوجوانن تي سيڙپڪاري دراصل ملڪ جي مستقبل تي سيڙپڪاري آهي ۽ نوجوانن کي معاشي طور مضبوط بڻائڻ ڪانسواءِ خوشحال پاڪستان جو خواب پورو نٿو ٿي سگهي.

ٻارهن صوبن جو منصوبو، سنڌ جي وحدت تي ڪهڙا اثر پوندا؟

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سياسي منظرنامي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر نئين انتظامي ڍانچي بابت بحث زور وٺي رهيو آهي. هن ڀيري معاملو رڳو هڪ نئين صوبي جي قيام تائين محدود ناهي، پر ملڪ جي موجوده چئن صوبن کي وڌائي ٻارهن صوبن ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز سامهون آئي آهي. وفاقي وزيرن جي بيانن ۽ ميڊيا ۾ آيل خبرن ڪانپوءِ اهو سوال اهميت اختيار ڪري ويو آهي ته ڇا پاڪستان واقعي پنهنجي انتظامي نقشي ۾ ايتري وڏي تبديلي ڪرڻ وڃي رهيو آهي يا اهو به ماضي جي ڪيترن ئي سياسي اعلانن وانگر رڳو بحث تائين محدود رهندو؟

9 نومبر 2026ع جي ميڊيا رپورٽن موجب، پاڪستان ۾ ٻارهن صوبن جو انتظامي ڍانچو قائم ڪرڻ جي تجويز تي غور ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته ان تي عملي اڳڀرائي 2029ع جي عام چونڊن ڪانپوءِ ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. تجويز هيٺ پنجاب کي چار، خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان کي ٽي ٽي، جڏهن ته سنڌ کي ٻن صوبن ۾ ورهائڻ بابت بحث هلي رهيو آهي. وفاقي وزير دفاع خواجا آصف پڻ ٻارهن صوبن جي امڪان جي حمايت ڪندي چيو آهي ته نوان انتظامي يونٽ لساني، نسلي يا سياسي بنيادن بدران انتظامي ضرورتن تحت قائم ٿيڻ گهرجن.

هن معاملي ۾ هڪ اهم حقيقت سمجهڻ ضروري آهي ته اڃا تائين ٻارهن صوبن جي قيام بابت ڪو حتمي سرڪاري فيصلو، واضح نقشو يا مڪمل آئيني مسودو سامهون ناهي آيو. تنهنڪري عوام کي خبرن، تجويزن ۽ حتمي فيصلن ۾ فرق رکڻ گهرجي. ڪنهن به ملڪ ۾ انتظامي ڍانچي جي تبديلي معمولي ڳالهه ناهي، خاص طور تي پاڪستان جهڙي وفاقي ملڪ ۾، جتي صوبن جي پنهنجي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ سڃاڻپ موجود آهي.

حڪومت ۽ هن تجويز جي حامين جو موقف آهي ته ملڪ جي وڌندڙ آبادي، انتظامي مسئلن ۽ ترقياتي وسيلن جي غيرمنصفاڻي ورڇ سبب ننڍن صوبن جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. انهن جو خيال آهي ته جيڪڏهن انتظامي اختيار عوام جي ويجهو منتقل ڪيا وڃن ته تعليم، صحت، روڊن، پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي بهتر ٿي سگهي ٿي. حقيقت به اها آهي ته عوام کي اهڙي نظام جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪنهن عام شهري کي پنهنجي جائز ڪم لاءِ وڏن شهرن جي سرڪاري آفيسن جا چڪر نه ڪاٽڻا پون.

پر سوال اهو آهي ته ڇا صرف صوبن جو تعداد وڌائڻ سان عوام جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا؟ ڇا نوان صوبا قائم ٿيڻ سان ڪرپشن ختم ٿي ويندي؟ ڇا سرڪاري اسپتالن ۾ دوائون، اسڪولن ۾ استاد، نوجوانن لاءِ روزگار ۽ عام ماڻهن لاءِ انصاف پاڻمرادو دستياب ٿي ويندو؟ جيڪڏهن موجوده نظام ۾ اختيارن جي غلط استعمال، ڪمزور نگراني ۽ سياسي مداخلت جا مسئلا موجود آهن ته رڳو نوان صوبا ٺاهڻ سان انهن جو خاتمو ممڪن ناهي.

سنڌ جي حوالي سان هي تجويز وڌيڪ حساسيت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌ رڳو انتظامي حدبندي جو نالو ناهي، پر هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ٻولي، ثقافت ۽ گڏيل سڃاڻپ جو نالو آهي. سنڌ جي ماڻهن لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت هڪ اهم تاريخي، جذباتي ۽ آئيني مسئلو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ کي ٻن انتظامي حصن ۾ ورهائڻ واري ڪنهن به تجويز تي فيصلو ڪرڻ کان اڳ سنڌ جي عوام جي خدشن، احساسن ۽ جمهوري راءِ کي بنيادي اهميت ڏيڻ لازمي آهي.

سنڌ جا مسئلا ڪنهن کان لڪل ناهن. ڪراچي کان ڪشمور تائين، ٿر کان ڪاڇي تائين ۽ بدين کان جيڪب آباد تائين ڪيترائي علائقا بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار آهن. ڪيترن ئي شهرن ۾ صاف پاڻي، معياري تعليم، صحت ۽ روزگار جا مسئلا اڄ به موجود آهن. پر انهن مسئلن جو حل سنڌ جي جاگرافيائي ورهاست ۾ ڳولڻ بدران انتظامي اختيارن جي منصفاڻي ورڇ، مضبوط مڪاني حڪومتن ۽ ترقياتي منصوبن تي شفاف عملدرآمد ۾ ڳولڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت واقعي عوام کي سهولتون ڏيڻ چاهي ٿي ته سنڌ سميت سمورن صوبن ۾ مڪاني ادارن کي بااختيار بڻائي. يونين ڪائونسلن، ٽائون ڪميٽين ۽ ضلعي حڪومتن کي مالي وسيلا ۽ انتظامي اختيار ڏنا وڃن. جڏهن ڪنهن ڳوٺ يا شهر جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڪراچي يا اسلام آباد جا دروازا کڙڪائڻ جي ضرورت نه پوندي ۽ مقامي سطح تي فيصلا ٿيندا ته عوام کي حقيقي تبديلي محسوس ٿيندي.

هن تجويز سان گڏ ڪيترائي اهم سوال به جڙيل آهن. جيڪڏهن ٻارهن صوبا قائم ڪيا ويا ته قومي مالياتي ايوارڊ تحت وسيلن جي ورڇ ڪيئن ٿيندي؟ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي موجوده ورڇ تي ڪهڙا اثر پوندا؟ نون صوبن جا مالي اختيار ڪهڙا هوندا؟ موجوده صوبن جا قرض، اثاثا ۽ ذميواريون ڪيئن ورهايون وينديون؟ نون صوبن لاءِ اسيمبليون، گورنر هائوس، وڏن وزيرن جون آفيسون ۽ ٻيا انتظامي ادارا قائم ڪرڻ تي ڪيترو خرچ ايندو؟ اهي سوال رڳو سياسي ناهن، پر ملڪ جي معاشي مستقبل سان به لاڳاپيل آهن.

پاڪستان اڳ ئي معاشي دٻاءُ، قرضن، مهانگائي ۽ بيروزگاري جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ نون صوبن جي قيام تي اربين رپيا خرچ ڪرڻ کان اڳ اهو طئي ڪرڻ ضروري آهي ته ان مان عام ماڻهو کي ڪهڙو فائدو ملندو. جيڪڏهن نوان صوبا به ساڳئي پراڻي نظام، سياسي مداخلت، ڪرپشن ۽ اختيارن جي مرڪزيت جو شڪار ٿي ويا ته پوءِ عوام کي ڪهڙي نئين تبديلي ملندي؟ آئيني طور به صوبن جي حدن ۾ تبديلي ڪو سولو عمل ناهي. پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 239 تحت صوبي جي حدن ۾ تبديلي لاءِ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن ۾ ٻه ٽيهائي اڪثريت سان گڏ متاثر ٿيندڙ صوبي جي اسيمبلي جي ڪل ميمبرن جي ٻه ٽيهائي اڪثريت سان منظوري پڻ ضروري آهي. ان جو مطلب آهي ته ڪنهن به صوبي جي جاگرافيائي حيثيت تبديل ڪرڻ لاءِ وسيع سياسي ۽ آئيني اتفاق راءِ لازمي آهي. ٻئي طرف ملڪ ۾ قومي ريفرنڊم ذريعي عوامي راءِ وٺڻ بابت به ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن. پر ريفرنڊم جي تجويز کي حتمي حڪومتي فيصلو سمجهڻ درست نه ٿيندو. عوام جي راءِ وٺڻ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر اهڙي وڏي تبديلي لاءِ آئين، پارليامينٽ ۽ متاثر ٿيندڙ صوبن جي اسيمبلين جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو.

اصل ضرورت اها آهي ته ملڪ ۾ ترقيءَ جو اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ ڪنهن به علائقي سان ناانصافي نه ٿئي. جيڪڏهن پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواهه يا سنڌ جي ڪنهن پٺتي پيل علائقي کي ترقيءَ جي ضرورت آهي ته ان لاءِ مضبوط منصوبابندي ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ٿيڻ گهرجي. ترقيءَ جو مطلب رڳو نوان نالا، نيون سرحدون ۽ نيون سرڪاري عمارتون نه، پر عوام جي زندگيءَ ۾ حقيقي آساني پيدا ڪرڻ آهي. سنڌ جي سياسي قيادت، دانشورن، اديبن، صحافين ۽ سماجي تنظيمن کي به هن معاملي تي سنجيده، آئيني ۽ جمهوري بحث ڪرڻ گهرجي. اختلاف راءِ هر شهري جو حق آهي، پر ڪنهن به فيصلي ۾ سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ عوامي خواهشن کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هر مثبت تجويز تي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي، پر سنڌ جي وحدت بابت سنڌ جي عوام جي راءِ کي بنيادي اهميت ملڻ گهرجي.

حقيقت اها آهي ته پاڪستان کي هن وقت رڳو صوبن جو تعداد وڌائڻ کان وڌيڪ مضبوط ادارن، بهتر حڪمراني، شفاف نظام، انصاف جي فراهمي ۽ عوام دوست پاليسين جي ضرورت آهي. 2029ع ڪانپوءِ عملدرآمد جي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ حڪومت کي عوام آڏو واضح ڪرڻو پوندو ته ٻارهن صوبن جو منصوبو ڪهڙن مسئلن جو حل پيش ڪري ٿو ۽ ان جا معاشي، آئيني ۽ سماجي نتيجا ڪهڙا هوندا. آخر ۾ سوال اهو ناهي ته پاڪستان ۾ چار صوبا هجن يا ٻارهن، اصل سوال اهو آهي ته عام ماڻهو کي سندس حق ڪڏهن ملندا؟ جيڪڏهن نئنا صوبا ٺاهڻ سان عوام کي انصاف، روزگار، تعليم، صحت ۽ ترقي ملندي ته ان بابت سنجيده بحث ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن مقصد رڳو نوان سياسي اقتدار جا مرڪز قائم ڪرڻ آهي ته پوءِ اهڙي تبديلي عوام جي اميدن تي پوري نه لهندي. پاڪستان جي مضبوطي صوبن جي وحدت، قومي اتفاق ۽ عوامي حقن جي تحفظ ۾ آهي. سنڌ جي وحدت جو احترام ڪندي ئي ڪنهن به انتظامي تبديليءَ بابت ڳالهه ٻولهه اڳتي وڌڻ گهرجي.

دادو ضلعي جي ڪڇي ۽ ڪاڇي ۾ اڄ جيڪو حال آهي

فاروق پنهور، جوهي

دادو ضلعي جي ڪڇي ۽ ڪاڇي ۾ اڄ جيڪو حال آهي، اهو ڪنهن کان به لڪل ناهي. روز فائرنگ، روز خون، روز لاش، روز اغوا ۽ روز ڀنگ جون خبرون اچن ٿيون. پر قاتل ۽ ڌاڙيل اڃا تائين آزاد گهمي رهيا آهن. عوام جو هڪ ئي سوال آهي ته آخر سرڪار قاتلن کي گرفتار ڇو نٿي ڪري؟ ڇا سرڪار ڪمزور آهي، يا وري سرڪار پاڻ ئي انهن کي بچائي رهي آهي؟

ڪڇو ۽ ڪاڇو ڪڏهن امن، محبت ۽ مهمان نوازي جو علائقو هو. هتي جا ماڻهو محنت ڪش، بهادر ۽ سادا هئا. اڄ ساڳيا ماڻهو پنهنجن ئي گهرن ۾ قيد آهن. شام جو سج لهڻ کان پوءِ رستا سنسان ٿي وڃن ٿا، فصل ٻنين ۾ سڙي رهيا آهن، واپاري دڪان بند ڪري ٿا ڇڏين، ٻار اسڪول وڃڻ کان ڊڄن ٿا ۽ مائرون پنهنجن پٽن جي واپسي لاءِ دعائون گهرن ٿيون.

سوال اهو آهي ته اها صورتحال اوچتو ته پيدا ناهي ٿي. ڪٿي ائين ته ناهي جو ننڍڙن ڌاڙيلن کي شروع کان ئي هٿ وٺي ڊگهو رسو ڏنو ويو هجي؟ پهرين ننڍو ڏوهه نظرانداز ڪيو ويو، پوءِ وڏو ڏوهه به معاف ڪيو ويو، ۽ اڄ اهي ئي ننڍڙا ڌاڙيل وڏا گروهه بڻجي ويا آهن. جڏهن ڌاڙيل کي سزا نه ملندي ته هو پاڻ کي قانون کان مٿي سمجهڻ لڳندو آهي.

ٻيو وڏو سوال سرڪار جي مفادن جو آهي. جيڪڏهن ڪڇي ۽ ڪاڇي ۾ مڪمل امن اچي ويو ته پوءِ آپريشن جي نالي تي ايندڙ ڪروڙين رپين جو فنڊ ڪٿي ويندو؟ چيڪ پوسٽن، پوليس نفري، خاص دستن ۽ هنگامي قدمن جو جواز ڪيئن رهندو؟ ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ بدامني ئي روزگار، طاقت ۽ سياست جو ذريعو بڻجي وئي آهي. امن ٿيڻ سان انهن جا دڪان بند ٿي ويندا، ان ڪري هو نٿا چاهين ته امن قائم ٿئي.

ڪي چون ٿا ته ڪڇي ۽ ڪاڇي کي ڄاڻي واڻي وانا وزيرستان بڻايو پيو وڃي، ته جيئن ٻاهر جي دنيا کي ڏيکاري سگهجي ته هتي دهشتگرد ۽ خطرناڪ ماڻهو رهن ٿا، ۽ پوءِ ان بهاني سان وڏا فيصلا مڙهيا وڃن. پر حقيقت اها آهي ته هتي جا عام ماڻهو امن چاهين ٿا. هتي جي ماءُ پنهنجي پٽ لاءِ امن چاهي ٿي، هاري پنهنجي فصل لاءِ امن چاهي ٿو، استاد پنهنجي شاگرد لاءِ امن چاهي ٿو.

اصل ڳالهه اها آهي ته خوف کي زنده رکيو پيو وڃي. خوف زنده هوندو ته ماڻهو سوال نه ڪندا، ماڻهو حق نه گهرندا، ماڻهو روڊ، پاڻي، اسڪول ۽ اسپتال جو مطالبو نه ڪندا. خوفزده قوم کي آساني سان ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر واقعي کان پوءِ رڳو مذمت، اجلاس ۽ واعدا ٿين ٿا، پر گرفتاري ڪانه ٿي ٿئي.

ڪڇي ۽ ڪاڇي جي عوام کي هاڻي سمجهڻو پوندو ته سندن دشمن صرف ڌاڙيل ناهن، سندن دشمن اها خاموشي، اها غفلت ۽ اها سازش به آهي، جيڪا قاتلن کي بچائي رهي آهي. جيستائين عوام هڪ آواز ٿي سوال نه ڪندو، جيستائين قاتلن جي گرفتاري لاءِ دٻاءُ نه وجهندو، تيستائين لاش ڪرندا رهندا ۽ واعدا ٿيندا رهندا.

دادو جي ڪڇي ۽ ڪاڇي کي امن گهرجي، انصاف گهرجي ۽ سچو سرڪاري ڌيان گهرجي. نه آپريشن جي ڊرامي جي ضرورت آهي، نه وري خوف جي سياست جي. ضرورت رڳو ايتري آهي ته قاتل کي قاتل چيو وڃي، گرفتار ڪيو وڃي ۽ قانون جي ڪٽهڙي ۾ بيهاريو وڃي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته تاريخ لکندي ته ڪڇي ۽ ڪاڇي کي ڌاڙيلن نه، پر خاموش سرڪار تباهه ڪيو.

بقايا * 01**

هن ڏسي رهيو آهي ته ڏکئي وقت ۾ ڪير سنڌ سان ساٿ ڏئي ٿو. عوام کي نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست نه، پر پنهنجن معاشي مسئلن جو حل گهرجي. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن سان ڪيل واعدا پورا ڪري تاريخ رقم ڪئي آهي. معاشي بحران، تعليمي مسئلن ۽ بيروزگاريءَ جي موجوده صورتحال ۾ سياسي پارٽين جون ذميواريون وڌيڪ وڌي ويون آهن. هن چيو ته اهي 10 لک گهر رڳو عمارتون ناهن، پر انهن جي مالڪن کي زمين جي مالڪيءَ جو حق پڻ ڏنو ويو آهي. اسان گهرن ۾ رهندڙ عورتن کي زمين جو مالڪ بڻايو، جن ماڻهن وٽ پنهنجو گهر نه هو، انهن لاءِ گهر تعمير ڪري ڏنا ۽ زمين جي ملڪيت پڻ منتقل ڪئي. 1970ع کانپوءِ زمين جي منتقليءَ جو هي سڀ کان وڏو منصوبو پڻ آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته عوام حڪومتن ڏانهن هڪ ٻئي کي ويڙهائڻ يا ورهاڱي جي سياست لاءِ نه، پر پنهنجي زندگي آسان بڻائڻ ۽ مسئلن جي حل جي اميد سان ڏسندو آهي. سنڌ حڪومت جا گهر تعمير ڪرڻ ۽ مفت علاج جا منصوبا عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ آهن حڪومتن جي ذميواري آهي ته عوام کي سهولتون فراهم ڪن ۽ ڏکين حالتن ۾ سندن معاشي تحفظ يقيني بڻائين. سنڌ حڪومت 10 لک گهرن جي تعمير ڪانپوءِ وڌيڪ 20 لک گهر ٺاهڻ جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ پرعزم آهي. بلاول ڀٽو چيو ته عوام ڏسي رهيو آهي ته ڪهڙي سياسي جماعت معاشي بحران مان ڪڍڻ لاءِ سندن ساٿ ڏئي ٿي. سياسي پارٽين کي گهرجي ته عوام کي ٻڌائين ته ڪين معاشي ڏکيائين ۽ ناڪامين مان ڪيئن ڪڍنديون. سندس چوڻ هو ته عوام اهو پڻ ڏسي رهيو آهي ته سياسي جماعتون مسئلن جو حل پيش ڪرڻ بدران نفرت ۽ ورهاڱي جي سياست ته نه پيون ڪن. موجوده حالتن ۾ سياسي محاذ آرائيءَ بدران عوام کي معاشي مسئلن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين چيو ته وفاقي ادارا عالمي بئنڪ کي اهو باور ڪرائڻ ۾ مصروف هئا ته صوبائي ادارا ڪرپٽ هوندا آهن، پر عالمي بئنڪ سنڌ حڪومت تي اعتماد ڪيو ۽ صوبائي حڪومت عملي ڪم ڪري ڏيکاريو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ کي جنهن وڏي قدرتي آفت کي منهن ڏيڻو پيو، شايد ٻيا صوبا ان جو مقابلو نه ڪري سگهن ها. تنقيد ڪندڙ سنڌ ۾ تعليم جي مسئلن تي ڳالهائڻ بدران حڪومت تي تنقيد ڪندا آهن. هن چيو ته اسان جي ڪردارڪشي ۽ تنقيد ڪندڙن کي اسان کان سکڻ گهرجي ته عوام جي خدمت ڪيئن ڪئي ويندي آهي. وزيراعظم ٻوڏ دوران سنڌ کي هڪ رپيو به نه ڏنو هو، جڏهن ته سنڌ حڪومت سان مڪمل سهڪار ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته عالمي بئنڪ صوبائي حڪومت تي اعتماد ڪيو ۽ اسان ان اعتماد تي پورو لهندي منصوبو مڪمل ڪري ڏيکاريو.

بقايا * 02**

ڪميٽي سرڪاري ملڪيتي ادارن بابت ڪابينه ڪميٽي نيشنل انجنيئرنگ سروسز پاڪستان (نيسپاڪ) جي چيئرمين/ آزاد ڊائريڪٽر جي مقرري، حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو) جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي نئين سرجوڙجڪ ۽ سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) جي بورڊ ۾ هڪ آزاد ڊائريڪٽر جي مقرري بابت تجويزن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ڪابينه ڪميٽي جو اجلاس نائٽي وزارت ۾ وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد حسين مگسي، لاڳاپيل وفاقي سيڪريٽرين ۽ مختلف وزارتن، ڊويزنن ۽ ريگيوليٽري ادارن جي سينئر نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مقرر ايجنڊا آئٽمز تي غور ويچار ڪان پوءِ انهن جي منظوري ڏني وئي. نائٽي واري وزير هدايت ڪئي ته سرڪاري ادارن جي بورڊز ۾ ايڪس آفيشيو ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏيندڙ حڪومتي نمائندن جو مناسب عهدن تي مقرري ٿيڻ ضروري آهي ۽ ڪين لاڳاپيل شعبي جو ڳهريل تجربو، پيشيوارانه صلاحيت ۽ اداره جاتي معاملن جو فهم حاصل هئڻ ضروري آهي ته جيئن هو پنهنجي لاڳاپيل وزارتن ۽ ڊويزنن جي موثر نمائندگي ڪري سگهن.

بقايا * 03**

ي ٿو پر بدلي ۾ وفاق کان شهر کي ڇا ملي ٿو؟ نارٿ ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ انفراسٽرڪچر جي منصوبن جو افتتاح ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي شهر جي مالڪي سڀني کي قبول ڪرڻي پوندي، چوته ڪراچي هلندو ته ملڪ هلندو، ان ۾ ڪو به ٻه رايا ناهن. هن چيو ته وڏين قربانين ڪانپوءِ ڊپ واري ڪراچي کي پوئتي ڇڏي آيا آهيون. هاڻي سنڌ حڪومت ۽ واپارين ۽ صنعتڪارن کي تحفظ فراهم ڪري رهي آهي. ڪين 90ع واري ڏهاڪي وارو ڪراچي نه گهرجي، جتي هر ٻئي ڏينهن هڙتال ٿيندي هئي. ميئر ڪراچي چيو ته ڪجهه ماڻهو ٻيهر اچي ڪراچي جي ورهاڱي جون ڪوششون ڪندا، پر شهر جي مالڪي سڀني کي ڪرڻي پوندي. هن دعويٰ ڪئي ته ڪراچي ملڪ جو واحد شهر آهي، جتي صنعتي تنظيمن کي گرانٽ ڏئي خرچ ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي پئسو ۽ ڊالر ڪمائي ملڪ کي ڏئي ٿو پر وفاق کان شهر کي ڇا ٿو ملي؟ هن چيو ته سنڌ حڪومت جو واعدو آهي ته گل پلازا کي ٻيهر تعمير ڪرائي ڏنو ويندو، جڏهن ته ڪجهه ماڻهو شهر ۾ مايوسي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪندا. هن چيو ته آئين جي آرٽيڪل 158 موجب جنهن صوبي مان گئس نڪري ٿي، ان تي پهريون حق ان صوبي جو آهي، پر سنڌ جي صنعتڪارن کي گئس نٿي ملي. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن صنعتڪار ان معاملي تي احتجاج ڪن ٿا ته

بقايا ***

ي وڪيل سردار لطيف کوسي کي اڊيالا جيل ۾ پنهنجن اصيلن سان ملاقات جي اجازت ڏئي ڇڏي عدالت جيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اربع ڏينهن ٻنهي وڪيلن جي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سان هڪ ڪلاڪ تائين ملاقات ڪرائي وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سرفراز ڈوگر جي سربراهيءَ ۾ ٻه رڪني بئنچ 190 ملين پائونڊ ڪيس (القادر ٽرسٽ ڪيس) ۾ سزا خلاف اپيلن جي ٻڌڻي دوران اهو حڪم ڏنو ٻڌڻي دوران عدالت سلمان صفدر کي چيو ته ملاقات جو حڪم قانون موجب ڏنو پيو وڃي، ائين نه ٿئي جو سڀاڻي اوهان وڌيڪ پنجن ماڻهن کي عمران خان سان ملاقات جي اجازت ڏيڻ جي درخواست کڻي اچو چيف جسٽس پڇيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ به اوهان جي عمران خان ۽ بشريٰ بي بي سان ملاقات ٿي هئي، پوءِ ٻيهر ملاقات جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ ان تي سلمان صفدر ٻڌايو ته اڳوڻي ملاقات لاءِ وقت ڪافي نه هو تنهنڪري پنهنجي اصيل سان ٻيهر ملاقات ضروري آهي عدالت پهريان سردار لطيف کوسي کي بشريٰ بي بي ۽ عمران خان سان ملاقات جي اجازت ڏني، جنهن ڪانپوءِ سلمان صفدر کي به پنهنجي اصيل سان ملاقات جي اجازت ڏني وئي ٻڌڻي دوران سلمان صفدر عدالت کي ٻڌايو ته بشريٰ بي بي سان ملاقات وقت هن ڪيس ٻڌايو هو ته ڇهه مهينا اڳ اختيارين ڪيس سرجري لاءِ اسپتال منتقل ڪيو هو جڏهن ته هاڻي 15 نومبر تي ٻيهر آپريشن ڪرڻ جو چيو پيو وڃي سلمان صفدر مطالبو ڪيو ته بشريٰ بي بي جي صحت بابت ميڊيڪل بورڊ جوڙيو وڃي هن چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ جيل اختيارين به تسليم ڪيو آهي ته بشريٰ بي بي کي اکين جو مسئلو آهي هن چيو ته صحت جي بنياد تي اڃا تائين ضمانت جي درخواست داخل ناهي ڪئي وئي، جڏهن ته بشريٰ بي بي جو جيل اندر علاج ممڪن ناهي سندس چوڻ هو ته بشريٰ بي بي جو علاج ٿي وڃي ته هو اپيلن تي دليل ڏيڻ شروع ڪندو اسلام آباد جي ايڊووڪيٽ جنرل نويد ملڪ عدالت کي ٻڌايو ته بشريٰ بي بي جو جيل اندر علاج ڪيو پيو وڃي ۽ علاج هر شهري جو بنيادي حق آهي. حڪومت به پنهنجي ذميواري کان غافل ناهي هن بشريٰ بي بي کي فراهم ڪيل طبي سهولتن جا تفصيل به عدالت ۾ جمع ڪرايا ان موقعي تي سلمان صفدر عدالت کان جيل اختيارين کان وڌيڪ تفصيل طلب ڪرڻ جي استدعا ڪئي هن چيو ته هڪ عورت جي سرجري ٿيڻ ڪانپوءِ ساڳئي ڏينهن ڪيس ٻيهر سيل ۾ بند ڪيو ويو هو، جڏهن ته ڊاڪٽرن ايمرجنسي ۾ آپريشن ڪيو هو اهڙي صورتحال ۾ فوري طور جيل موڪلڻ مناسب ناهي ايڊووڪيٽ جنرل نويد ملڪ ٻڌايو ته ميڊيڪل بورڊ 8 نومبر تي به بشريٰ بي بي جو طبي معائنو ڪرڻ لاءِ ويو هو.

بقايا * 05**

ڊالر پنهنجي وطن موڪليا. اسٽيٽ بئنڪ موجب گذريل سال جي ساڳئي مهيني جي ڀيٽ ۾ پرڏيهي موڪليل رقم ۾ 13.8 سيڪڙو سيپٽمبر جي ڀيٽ ۾ 8.5 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. مرڪزي بئنڪ پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب هلندڙ مالي سال جي پهرين چئن مهينن، جولاءِ کان آڪٽوبر تائين، مجموعي طور پاڪستان کي 14 ارب 80 ڪروڙ ڊالرن جون پرڏيهي موڪلون وصول ٿيون. جيڪي گذريل مالي سال جي ساڳئي عرصي جي ڀيٽ ۾ 14 سيڪڙو وڌيڪ آهن. اسٽيٽ بئنڪ موجب آڪٽوبر دوران سعودي عرب مان پاڪستانين 98 ڪروڙ 16 لک ڊالر پنهنجي وطن موڪليا، جڏهن ته گڏيل عرب امارات مان 81 ڪروڙ 59 لک ڊالر وصول ٿيا. اهڙيءَ طرح برطانيا مان 59 ڪروڙ 22 لک ڊالر، جڏهن ته آمريڪا مان 32 ڪروڙ 89 لک ڊالر پاڪستان موڪليا ويا.

بقايا * 06**

صب العين آهي. هن سال اسٽارٽ اپس لاءِ عورتن جي شرح کي 30 سيڪڙو تائين آڻڻ آهي. اسٽارٽ اپس شروع ڪرڻ ۾ عورتن جي شرح 11 سيڪڙو رهي. حڪومت ايس ايم ايز کي هٿي وڌائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته بزنس اينڊ ايگريڪلچر لونز ايس ايم ايز کي هٿي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ينگ اسٽارٽ اپ جي اوسر لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته 2024ع ۾ وزيراعظم بزنس اينڊ ايگريڪلچر لونز منصوبي جي مد ۾ 100 ارب روپيا قرض ڏنو ويو هڪ قرض گهٽ ۾ گهٽ 3 نوڪريون فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته ٽيئر فور ۾ نوجوانن کي اڍائي ڪروڙ تائين قرض ڏنو پيو وڃي. وزيراعظم شهباز شريف جي خواهش آهي ته معاشري جي سمورن طبقن کي برابر ترقي جا موقعا ڏنا وڃن، حڪومت ايس ايم ايز کي هٿي وڌائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي.

بقايا * 07**

موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي. پاڪستان اهو ڪم ڪنهن پرڏيهي مالي معاونت ڪانسواءِ پنهنجن ٻارن ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. ڪوپ_31 ڪانفرنس جي موقعي تي پاڪستان پويلين ۾ ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي وفاقي وزير چيو ته گذريل 10 کان 15 سالن دوران پاڪستان ۾ موسمياتي تباهڪارين جي نتيجي ۾ 6 هزار ماڻهو فوت، 20 هزار جي ويجهو زخمي، جڏهن ته اٽڪل 4 ڪروڙ ماڻهو متاثر ۽ 3 کان 4 ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿيا. انهن حقيقت کي ڏسندي ضروري آهي ته موسمياتي تبديلي جي ذميدار ملڪن ۽ ان جي اثرن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو وڃي. ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته دنيا جا 3 ملڪ اٽڪل 40 سيڪڙو 10 ملڪ مجموعي طور تي اٽڪل 70 سيڪڙو گرين هائوس گيسز جي نيڪال جا ذميدار آهن پر موسمياتي تباهڪارين جا اثر پاڪستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن کي برداشت ڪرڻا پئجي رهيا آهن. بلوچستان ۾ ڪلائوڊ برسٽ، سنڌ ۾ موسمياتي تباهي ۽ پهاڙن سان ٽڪرائيندڙ فليش فلڊز ان جا نمايان مثال آهن.

بقايا ***

جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت سينٽرل جوابدار کي 14 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. عدالت جوابدار تي 14 سال قيد سان گڏ 10 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو آهي. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته متاثر نينگريءَ پاران ٽرائل دوران جوابدار کي معاف ڪيو ويو پر جنسي استحصال جي ڏوهه ۾ معافي جوابدار جي بري ٿيڻ جو بنياد نٿي بڻجي سگهي. جاچ ۾ خاميءَ جي بنياد تي به جوابدار کي بري نٿو ڪري سگهجي. پراسيڪيوشن عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار خلاف ڪيس 2023ع ۾ لياقت آباد ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو.

بقايا * 09**

اڻن خلاف داخل درخواستن تي ڪيس جلد ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪرڻ بابت متفرق درخواست منظور ڪري ورتي آهي. جسٽس سلطان تنوير احمد شيخ امتياز محمود ۽ ٻين جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت هاءِ ڪورٽ جي آفيس کي هدايت ڪئي ته مڪ ڪيس 10 ڏينهن اندر ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪيو وڃي. درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو ته حڪومت 7 نومبر تي پنجاب ۾ مڪاني چونڊون ڪرائڻ جو اشارو ڏنو آهي، اهي چونڊون غيرجماعتي بنيادن تي ڪرايون پيون وڃن، جڏهن ته انهن چونڊن لاءِ بيوروڪريسيءَ کي وسيع اختيار ڏنا ويا آهن. درخواست ۾ وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ويو ته فنڊن جي ورهاست ۾ من پسند ماڻهن کي نوازيو پيو وڃي. درخواستگذارن عدالت کي استدعا ڪئي ته پنجاب ۾ مڪاني چونڊون جماعتي بنيادن تي ڪرائڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا * 10**

ڪي آف لوڊ ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته ايف آءِ اي حڪامن 26 آڪٽوبر تي ڊاڪٽر شائسته رؤف کي آف لوڊ ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته 29 سيپٽمبر تي پاڪستان آمد جي موقعي تي به ڪيس اٺ ڪلاڪن تائين حبس بيجا ۾ رکيو ويو درخواستگذار هر سال پنهنجي والده سان ملاقات لاءِ پاڪستان ايندي آهي وڪيل ٻڌايو ته درخواستگذار جي آمريڪا ۾ رهائشگاهه تي درجنين پالتو جانور ۽ پکي موجود آهن. جن جي سار سنڀال لاءِ ڪيل عارضي انتظام سندس پاڪستان ۾ قيام سبب ختم ٿي رهيا آهن ايف آءِ اي حڪام نه ته اي ميل جو جواب ڏئي رهيا آهن ۽ نه ئي عدالت ۾ پنهنجا ڪمينٽس جمع ڪرائي رهيا آهن عدالت ڌرين کي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ حتمي مهلت ڏيندي وڌيڪ ٻڌڻي 20 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا * 11**

سيشن عدالت سينٽرل جوابدار کي 14 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. عدالت جوابدار تي 14 سال قيد سان گڏ 10 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيو آهي. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته متاثر نينگريءَ پاران ٽرائل دوران جوابدار کي معاف ڪيو ويو پر جنسي استحصال جي ڏوهه ۾ معافي جوابدار جي بري ٿيڻ جو بنياد نٿي بڻجي سگهي. جاچ ۾ خاميءَ جي بنياد تي به جوابدار کي بري نٿو ڪري سگهجي. پراسيڪيوشن عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار خلاف ڪيس 2023ع ۾ لياقت آباد ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو.

بقايا * 12**

ڪاميابي تي لياري، يوسي 8 ۽ شاهه بيگ لين جي عوام، پارٽي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ جيالن جا ٿورا مڃيا آهن ڪرم الله وقاصي چيو ته لياري جي عوام ضمني چونڊ ۾ پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي، خليل احمد هوت جي ڪاميابي عوام جي چونڊ عمل ۾ شرڪت ۽ مقامي سطح تي سياسي حمايت جو اظهار آهي. ڪاميابي جي اعلان ڪانپوءِ لياري ۾ جشن جو ماحول پيدا ٿي ويو جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ جيالن خوشي جو اظهار ڪندي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ڪاميابي جي جشن دوران ڪارڪنن کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي جي ترجمان ڪرم الله وقاصي چيو ته لياري جي ضمني چونڊ دوران ڪجهه مخالفن پاڪستان پيپلز پارٽي خلاف غير اخلاقي مهم هلائي ۽ ترقياتي ڪمن بابت سوال اٿاريا، پر لياري ۾ ترقي ۽ عوامي خدمت جو رڪارڊ سڀني جي سامهون آهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ لياري ۾ ڏيکارڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم موجود آهي.

بقايا * 13**

ار ڪري ورتو پوليس موجب بلديا ٽائون جي سپارڪو روڊ تي پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو ٿيو. جنهن دوران ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته سندن هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ ياسر عرف بابل عرف اٽ ۽ غلام مصطفيٰ عرف مستو طور ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن 2 نومبر تي سپارڪو روڊ تي ڪار سوار سعد ظفر کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو. جڏهن ته جوابدارن جاچ دوران شهري جي قتل جو اعتراف پڻ ڪيو آهي. جوابدارن پوليس کي بيان ڏيندي ٻڌايو ته واردات دوران هٿيار ڏيکاري ڪار روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪار سوار شهري جي فائرنگ ڪرڻ تي هنن جوابي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ سعد ظفر موقعي تي ئي مارجي ويو جوابدارن ٻڌايو ته سندن ڇهن ڄڻن تي ٻڌل گروهه آهي، جيڪو ڦر ڌاڙن جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث آهي. گرفتار جوابدار غلام مصطفيٰ خلاف 8، جڏهن ته ياسر بابل خلاف 2 ڪيس داخل ٿيل آهن پوليس گرفتار

دوران مسافرن ۽ عملي ٻن سج لهڻ ۽ ٻن سج اڀرڻ جا منظر پڻ ڏٺا. جهاز ۾ مجموعي طور 13 ڄڻا سوار هئا، جن ۾ ايئربس جا ٽيسٽ پائلٽ ۽ انجنيئر ڪنتاس جا ٻه پائلٽ، هڪ ڊزائن انجنيئر ۽ انٽرنيشنل ايرو ناٽيڪل فيڊريشن (ايف اي آءِ) جو هڪ نمائندو شامل هو. هي رڪارڊ رڳو ڊگهي فاصلي يا اڏام جي مدي تائين محدود ناهي، پر جديد جهازن جي انجنيئرنگ، ٻارڻ جي انتظام، آپريشنل رٿابندي ۽ انساني برداشت جي صلاحيتن جو پڻ ثبوت آهي. جهاز جي پهرين ڊليوري اپريل 2027ع ۾ مقرر ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ساڳئي سال جي آخر ۾ ڪمرشل اڏامون شروع ڪرڻ جو منصوبو آهي.

بقايا * 15**

ورتا آهن. نجي ٽي وي جي رپورٽ موجب هلندڙ مالي سال جي لاءِ حڪومت طرفان پيٽروليم ليوي جي مد ۾ گڏيل طور تي 1.676 ٽريلين روپيه حاصل ڪرڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته گذريل مالي سال جي دوران پيٽروليم ليوي مان حاصل ٿيل آمدني شروعاتي بجيٽ اندازي کان به ڪافي وڌيڪ رهي هئي. حڪومت انهي مد ۾ 1.468 ٽريلين روپيه جمع ڪرڻ جو اندازو لڳايو هو پر مالي سال جي اختتام تي وصولين جو حجم وڌي 1.567 ٽريلين روپيه تائين پهچي ويو. جيڪو مقرر حدف کان تقريبن 100 ارب روپيه وڌيڪ هو اقتصادي ماهرين موجب مالي سال جي پهرين 2 مهينن ۾ ٿيل وصولين حڪومت طرفان مقرر ڪيل سالياني حدف کي حاصل ڪرڻ طرف اڳڀرائي ظاهر ڪن ٿيون. ياد رهي ته پيٽروليم ليوي جي ذريعي قومي نائٽي ۾ وڏي رقم جمع ڪئي پئي وڃي، جنهن جي خلاف سياسي پارٽين طرفان ملڪ گير احتجاج جو سلسلو به جاري آهي.

بقايا * 16**

آڏو آڻي ڇڏيو وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته وفاقي صحت واري وزارت حاجين لاءِ ويڪسين جي خريداري ۾ مبينه ڪرپشن بابت انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ اڄ عوام آڏو آڻي رهي آهي. انڪوائري رپورٽ جو اصل جز اهو آهي ته صحت واري وزارت کي ٻڌائڻ کان سواءِ ويڪسين جي پروڪيورمنٽ ڪئي وئي، باردرهيلٽ سروس وفاقي صحت واري وزارت کي باءِ پاس ڪيو. مصطفيٰ ڪمال چيو ته صحت واري وزارت انڪوائري رپورٽ تي عملدرآمد شروع ڪري ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا تي 10 ارب روپين جي ويڪسين ۾ ڪرپشن جو بيانيو شروع ڪيو ويو. هڪ روپيو به سرڪار جو انهي سموري عمل ۾ ناهي لڳو 18 ڪروڙ 30 لک 55 هزار روپيه هن وقت نادرا جي اڪائونٽ ۾ موجود آهن. 10 ارب روپين جو ڪو به ڪرپشن اسڪينڊل نه آهي.

بقايا * 17**

ٻئي طرف سينئر سپرنٽينڊنٽ پوليس ڏکڻ ضلعي موجب ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن، باٿ آئيلينڊ ۾ ڪارروائي ڪندي گهر ۾ چوريءَ ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ گهر جو ڊرائيور پڻ شامل آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن وٽان 10 تولا سون جا 6 بسڪيٽ ۽ 5 لک رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي. ايس ايس پي ڪراچي ساؤٿ ٻڌايو ته چوريءَ جو ڪيس 6 نومبر تي بوٽ بيسن ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو. جڏهن ته جوابدارن گهر مان سون جا 10 بسڪيٽ، زيور ۽ 50 لک رپيا روڪ رقم چوري ڪئي هئي.

بقايا * 18**

فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي ٻوڏ متاثرين جي بحالي کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي. هن چيو ته 2022 جي ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل خاندانن جي لاءِ مستقل گهر تعمير ڪيا پيا وڃن. خيرپور ۾ سيني کان وڌيڪ هڪ لک 67 هزار 379 گهر مڪمل ڪيا ويا آهن. ٻوڏ متاثر عورتن کي نئين تعمير ٿيل گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن. عورتن کي گهرن جي ملڪيت جا حق ڏيڻ جو قدم انهن جي تحفظ ۽ خودمختاري جي لاءِ اهم آهي. شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته گهرن جي تعمير سان مقامي مزدورن، مسترين ۽ هنرمند ماڻهن کي روزگار مليو هائوسنگ منصوبي سان ڏوراهين علائقن جي معيشت کي به هٿي ملي رهي آهي. ڪنهن به مستحق ٻوڏ متاثر خاندان کي گهر کان محروم رهڻ نه ڏينداسين. مستحق ماڻهن جي نشاندهي ۽ تعميراتي معيار يقيني بڻائڻ جي لاءِ جديد نظام جي تحت نگراني جاري آهي. سينئر صوبائي وزير چيو ته ٻوڏ متاثرين جي مڪمل بحالي تائين سنڌ حڪومت جون ڪوششون جاري رهنديون.

بقايا * 19**

ي جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي موجب مذڪوره سسٽم جي اثر هيٺ بلوچستان جي ضلعن بارکان، ژوب، موسيٰ خيل، ڪوئيٽا، زيارت، چمن، قلعه سيف الله، قلعه عبدالله، قلات ۽ خضدار ۾ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان آهي. بلوچستان ۾ برسات کان پوءِ ٿڌيون هوائون ڪراچي تي اثر انداز ٿي سگهن ٿيون. موسميات کاتي موجب سنڌ ۾ ايندڙ ڪجهه ڏينهن جي دوران موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا * 20**

جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال واري نظام جي نئين سرجوڙجڪ ۽ وڏا روڊ ڪنيڪشن منصوبا شامل آهن. وزيراعليٰ هائوس ۾ پي پي پي پاليسي بورڊ جي 53هين اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير ڊابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون (SEZ) لاءِ نظرثاني ٿيل گڏيل منصوبي جي ماڊل، گهوٽڪي_ڪنڌڪوٽ پل لاءِ 2 ارب رپين جي بريج فنانسنگ ۽ ڪراچي جي بنيادي ڍانچي جي مضبوط

حيدر شاهه: ايم پي ايز غلام قادر چانڊيو ۽ قاسم سراج سومرو: خاص مددگارن ۾ سيد قاسم نويد ۽ محمد علي راشد: وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف: پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جو چيئرمين نجم شاهه: بورڊ آف روينيو جي سينيئر ميمبر خالد حيدر شاهه ۽ ٻين سينيئر اختيارين شرڪت ڪئي. 750 اسڪول 10 سالن جي پي پي پي انتظام تحت آئوٽ سورس ڪيا ويندا: تعليمي شعبي جي هڪ وڏي فيصلي ۾ بورڊ سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپروومينٽ پروجيڪٽ (SSEIP)، سنڌ ارلي لرننگ انهانسمينٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن (SELECT) پروگرام ۽ پيپلز اسڪولز اني شيٽو تحت ٻئي مرحلي ۾ 750 اسڪولن جي آئوٽ سورسنگ جي منظوري ڏني. هن پروگرام ۾ 453 SSEIP اسڪول شامل آهن، جن مان 401 اضافي فنڊنگ تحت ۽ 52 اصل فنڊنگ تحت آهن ان سان گڏ 295 SELECT اسڪول ۽ ٻه انگريزي ميڊيم پيپلز اسڪول شامل آهن. ايجوڪيشن مئنيجمينٽ آرگنائيزيشنز (EMOs) ٽن مهينن جي تياري واري عرصي ڪانپوءِ 10 سالن جي سروس مئنيجمينٽ معاهدن تحت اسڪولن جو انتظام سنڀاليندين. نجي آپريٽرز سرڪاري فنڊنگ سان استادن جي پگهارن، غير تدريسي عملي، آپريشنل خرچن، يونيفارم، اسٽيشنري ۽ ٻين ضروري خدمتن جا ذميوار هوندا. انهن 750 اسڪولن ۾ شاگردن جي گڏيل گنجائش 345,940 آهي جڏهن ته موجوده داخلا 188,852 آهي. جيڪا معياري تعليم تائين رسائي کي وڌائڻ لاءِ وڏو امڪان فراهم ڪري ٿي. بورڊ هڪ ٽيڪنيڪل اينڊ فنانشل ايوليوئيشن ڪميٽي قائم ڪرڻ ۽ ڪواليٽي اينڊ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) جو استعمال ڪندي، e_PADS پليٽ فارم ذريعي کليل قومي مقابلي واري ٻولي (اوپن نيشنل ڪمپيٽيٽو بڊنگ) شروع ڪرڻ جي به منظوري ڏني. ڊابيجي SEZ گڏيل منصوبي ذريعي صنعتي سيڙپڪاري کي راغب ڪندو: صنعتڪاري کي تيز ڪرڻ ۽ نجي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ لاءِ، بورڊ ڊابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون لاءِ نظرثاني ٿيل ٽرانزيڪشن اسٽرڪچر جي منظوري ڏني جنهن تحت اڳوٽي بلڊ_آپريٽ_ٽرانسفر ماڊل کي سنڌ حڪومت (سنڌ اڪنامڪ زونز مئنيجمينٽ ڪمپني – SEZMC جي ذريعي) ۽ نجي سيڙپڪارن جي وچ ۾ گڏيل منصوبي سان تبديل ڪيو ويو آهي. هن انتظام تحت حڪومت زمين، موجوده ترقياتي ڪم ۽ ٻيا طئي ٿيل ان پٽس فراهم ڪندي، جڏهن ته نجي ڀائيوار هن صنعتي زون کي مالي مدد ڏيڻ، ترقيائڻ ۽ هلائڻ لاءِ پنهنجو سرمايو (ايڪوٽي)، ٽيڪنيڪل مهارت ۽ سيڙپڪاري کڻي ايندا. هي منصوبو تقريبن 1,171 ايڪڙ وڪري لائق زمين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 1,071 ايڪڙ صنعتي سرگرمين لاءِ ۽ 100 ايڪڙ تجارتي استعمال لاءِ آهن. ترقياتي ڪم 36 مهينن دوران ٻن مرحلن ۾ رٿيو ويو آهي. بورڊ مقابلي واري ٻن مرحلن واري، ٻن لفافن واري بڊنگ جي عمل ذريعي سيڙپڪارن کي راغب ڪرڻ جي منظوري ڏني جنهن ۾ پري ڪواليفڪيشن، سيڙپڪارن سان ڳالهه ٻولهه ۽ تجويزون طلب ڪرڻ شامل آهن. ڪيٽي بندر هڪ مربوط مئرينٽائيم ۽ اقتصادي مرڪز طور اڀرندو: هڪ ٻئي تاريخي فيصلي ۾، بورڊ ڪيٽي بندر کي هڪ مربوط مئرينٽائيم، صنعتي، لاجسٽڪس ۽ انرجي حب طور ترقي ڏيڻ جي منصوبي جي تصور جي منظوري ڏني. هن قدم جو مقصد جديد مئرينٽائيم بنيادي ڍانچي ۽ ملڪي وڏي توڙي بين الاقوامي نجي سيڙپڪاري جي ذريعي سنڌ جي ساحلي پٽي ۽ انڊس ڊيلٽا جي اقتصادي صلاحيت کي ڪرڻ آهي. تجويز ڪيل ترقي ڇهن وڏن علائقن تي ٻڌل آهي: توانائي ۽ پيٽروليم جو بنيادي ڍانچو، صنعتي ۽ لاجسٽڪ سهولتون، بندرگاهه ۽ مئرينٽائيم بنيادي ڍانچو، جهاز سازي ۽ مئرينٽائيم خدمتون، ڪميونٽي ۽ سياحتي سهولتون، ۽ ڊجيٽل سيڪيورٽي سسٽم. رٿيل سهولتن ۾ آئل ٽرمينلز، اسٽوريج ٽانڪيون، پائپ لائنون، ڪارگو يارڊ، گودام، صنعتي ۽ برآمدي زون، گهري پاڻي جا برٿ، هڪ جديد فشنگ هاربر، شپ يارڊ، ڊرائي ڊاڪس ۽ مئرينٽائيم ٽريننگ جون سهولتون شامل آهن. منصوبي ۾ سياحت، هوٽل، مرينا، هائوسنگ، صحت ۽ تعليم جون سهولتون پڻ شامل آهن. جن کي جهازن جي جديد نگراني، سرويلنس ۽ ايمرجنسي ريسپانس سسٽم جي مدد حاصل هوندي. بورڊ پروجيڪٽ ڊولپمينٽ فيسليٽي (PDF) ذريعي فنڊنگ جي منظوري ڏني ته جيئن تفصيلي فزيبلٽي اسٽڊيز ۽ هڪ بينڪبل پي پي پي اسٽرڪچر تيار ڪرڻ لاءِ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز کي مقرر ڪيو وڃي، جيڪو نجي شعبي جي پلائي لاءِ رستو هموار ڪندو. ڪراچي فنانشل سينٽر جي شروعات جي منظوري: بورڊ تجويز ڪيل ڪراچي فنانشل سينٽر جي تصور جي پڻ منظوري ڏني، جنهن جو مقصد ڪراچي جي هڪ علائقائي مالي ۽ سيڙپڪاري جي مرڪز واري حيثيت کي مضبوط ڪرڻ آهي. هي قدم مالي خدمتن، بنيادي ڍانچي، توانائي، هائوسنگ ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ملڪي ۽ بين الاقوامي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هڪ جامع فزيبلٽي اسٽڊي ۽ ٽرانزيڪشن اسٽرڪچر تيار ڪرڻ لاءِ ٽرانزيڪشن ايڊوائيزرز جي خدمتن حاصل ڪرڻ لاءِ PDF فنڊنگ جي منظوري ڏني وئي. پي پي پي تحت سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن: بورڊ ميسرز دوربين پاران پيش ڪيل تجويز ذريعي ڪراچي ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (SITE) قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ تجويز ڪيل پي پي پي اسٽرڪچر جي منظوري ڏني به هئي.

بقايا * 21**

شروع ڪري ڇڏي آهي جنهن جي تحت پشاور هاءِ ڪورٽ کي گورنر راڄ ۽ گرفتارين خلاف درخواستن تي ٻڌڻي کان روڪيو ويو هو. گذريل هفتي وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان ۽ جسٽس عامر فاروق تي ٻڌل 2

سليم سواتي سميت پي ٽي آءِ جي ڪيترن اڳواڻن جي گرفتارين خلاف به پشاور هاءِ ڪورٽ جو دروازو کڙڪايو ويو هو پر بعد ۾ آئيني عدالت جي حڪم تي پشاور هاءِ ڪورٽ خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گرفتاري خلاف داخل سمورين درخواستن کاز لسٽ کان ڊي لسٽ ڪري ڇڏيون هيون. وڪيلن اڄ هڙتال خيبرپختونخواهه بار ڪونسل جي اپيل تي ڪئي جنهن آئيني عدالت جي فيصلي تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 199 جي تحت هاءِ ڪورٽ جا اختيار معطل ڪرڻ جو فيصلو غير آئيني آهي ۽ اهو صوبي ۾ بنيادي حق ختم ڪرڻ جي برابر آهي. بار ڪونسل موجب صوبي جي عوام سان ٿيل ناانصافي جي خلاف هر فورم تي آواز اٿاريو ويندو ٻئي طرف صدر خيبرپختونخواهه بار ڪونسل محمد رفيق مهمند اعلان ڪيو آهي ته ڪونسل لاڳاپيل ڪيس ۾ ڌر بڻجڻ جي لاءِ به درخواست داخل ڪندي.

بقايا * 22**

سفير مقرر ڪري ڇڏيو وائيٽ هائوس موجب آمريڪي صدر نيٽلي بيڪر کي پاڪستان ۾ آمريڪا جي نئين سفير نامزد ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ نيٽيلي بيڪر جي نامزدگي منظوري جي لاءِ سينيٽ ڏانهن اماڻي وئي آهي، سينيٽ جي منظوري کان پوءِ اها سفير مقرر ٿي ويندي. ياد رهي ته نيٽلي بيڪر جنوري 2025 ۾ اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني ۾ بطور ناظم الامور پنهنجون ذميواريون سنڀاليون هيون ۽ هوانهي وقت پاڪستان ۾ بطور آمريڪي ناظم الامور خدمتون انجام ڏئي رهي آهي. نيٽيلي بيڪر انهي کان اڳ آمريڪي سفارتخاني دوحه، قطر ۾ ڊپٽي چيف آف مشن به مقرر رهي. نيٽيلي پرنسٽن يونيورسٽي مان بيچلرز جي ڊگري حاصل ڪئي جڏهن ته هن هارورڊ يونيورسٽي ۾ ڪينيڊي اسڪول آف گورنمنٽ مان پبلڪ پاليسي ۾ ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪئي. نيٽيلي بيڪر آمريڪا جي نيشنل ڊفينس يونيورسٽي جي نيشنل وار ڪاليج جي 2017 جي گريجوئيٽ آهي انهي کان علاوه آمريڪي صدر جيفري ڪولاٽر کي متحده عرب امارات، سنٿيا ڪيرشٽ کي سينيگال ۽ ايان ميڪ ڪيري کي مالي ۾ آمريڪي سفير مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا * 23**

۾ وڌيڪ اضافي پاڻي ڇڏڻ جو امڪان آهي، جنهن سبب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران درياهه ۾ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وڌيڪ واڌ ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اٽڪ ۽ هريپور ضلعن ۾ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اٽڪ جي ضلعي انتظاميا سنڌو درياهه پرسان ڇڇ ڳوٺ جي رهواسين کي احتياط ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. تحصيل حضرو جي مختلف علائقن لاءِ پڻ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي. ضلعي انتظاميا شهرين کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنهنجا چوپايو مال ترت محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪن. حضرو انتظاميا طرفان مختلف مسجدن ۾ اعلان پڻ ڪرايا ويا آهن. شام ڌاري تربيلا ڊيم مان سنڌو درياهه ۾ ڏيڍ لک ڪيوسڪ پاڻي ڇڏڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هو. آبپاشي بابت صلاحڪار موجب سنڌو درياهه ۾ هنڊ واري هنڌ پاڻيءَ جو وهڪرو هڪ لک 33 هزار 737 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو تربيلا ڊيم ۾ پاڻيءَ جي سطح گهٽائي 1490 فوٽن تائين آندي پئي وڃي، جڏهن ته پاڻيءَ جي سطح گهٽائڻ جو عمل اڄ منجهند 12 وڳي تائين مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي. تربيلا ڊيم جي توسيعي پن بجلي منصوبي جي ڪنيڪٽنگ ٽنل جي کوٽائي دوران جبل جو هڪ ڪمزور حصو ڪري پيو هو، جنهن سبب پاڻي ٽنل ۽ پاور هائوس ۾ داخل ٿي ويو. واپڊا جي ترجمان موجب ان ٽيڪ پٽ مان پاڻي پڻ مڪمل طور ڪڍيو ويو آهي. منصوبي جي مين ٽنل، تعميرهيٺ پاور هائوس ۽ سوئچ يارڊ کي ڪو به نقصان نه پهتو آهي، جڏهن ته سمورن مقامي ۽ پرڏيهي مزدورن کي محفوظ نموني ٻاهر ڪڍيو ويو. واپڊا جي ترجمان تربيلا جي ٽنل نمبر پنج ڊهڻ وارين خبرن کي غلط قرار ڏنو آهي. ذريعن موجب حادثي ڪانپوءِ توسيعي پن بجلي منصوبي تي ڪم روڪيو ويو آهي.

بقايا * 24**

گرفتار ڪيو ويو آهي. جي يو آءِ جي ترجمان اسلم غوري چيو ته جي يو آءِ امير اسلام آباد مفتي اويس عزيز جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، حڪومت ڪڏهن حرڪتن تي لهي آئي آهي. اسلم غوري چيو ته آئين ۽ قانون جي احترام کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي، جي يو آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪن حڪومتي دهشتگردي جو ڄمي مقابلو ڪندا. جي يو آءِ ترجمان چيو ته مفتي اويس عزيز کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي، ڪارڪن اشتعال ۾ نه اچن قيادت جي ايندڙ حڪم جو انتظار ڪيو وڃي. ٻئي طرف دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت اسلام آباد جمعيت علماءِ اسلام (ف) طرفان اسلام آباد ۾ اجتماعن جي ڪيس ۾ 2 جوابدارن جو 13_13 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو جمعيت علماءِ اسلام (ف) خلاف 2 ڪيس داخل ڪيا ويا، پوليس ٻنهي ڪيسز ۾ نامزد ٻنهي جوابدارن رفاقت ۽ قاري افتخار حسين کي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو عدالت جوابدارن جو 13_13 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو. دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي، جاچ آفيسرن چيو ته جوابدارن پوليس سان جهيڙو ڪيو جوابدارن رهائشي بلاڪس ۾ شهرين کي يرغمال ڪيو. جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ۽ ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ 30_30 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ گهرجي، پوليس سنگجاني ٿاڻي ۽ انڊسٽريل ايريا ۾ ڪيسز داخل آهن.

بقايا * 25**

ست جو هڪ اهم سبب ايران سان جنگ هئي، آمريڪي

تي حملوان جي جوهري پروگرام کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو هن وڌيڪ چيو ته ايران خلاف جنگ ڪانسواءِ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن، اسرائيل مخالف جذبن ۽ سخت اميگريشن پاليسي پڻ وچ مدي وارين چونڊن ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ جي شڪست جا سبب بڻيا.

بقايا * 26**

ته نوان صوبا ٺاهڻ يا نه ٺاهڻ بابت فيصلو پارليامينٽ ۾ ٿيڻو آهي. ڳالهائيندي رانا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن قانونسازي هاڻي ڪئي وڃي ۽ ان تي عمل ايندڙ چونڊن ڪانپوءِ ٿئي ته ڇا اها ڳالهه عملي طور ممڪن لڳي ٿي؟ پارليامينٽ ئي اهو فورم آهي، جتي ريفرنڊم ڪرائڻ يا نه ڪرائڻ بابت فيصلو ٿيندو ۽ اهو پڻ طئي ڪيو ويندو ته ريفرنڊم ۾ ڪهڙو سوال رکيو وڃي. هن چيو ته 26هين آئيني ترميم لاءِ اسان سڀ ڏيڍ مهينو مولانا فضل الرحمان جي در تي ويٺا رهياسين. ٽي ٽي جماعتون مولانا سان ملاقات لاءِ انتظار ڪنديون هيون. 26هين آئيني ترميم جي هڪ هڪ شق تي بحث ٿيو جنهن ڪانپوءِ اتفاق راءِ پيدا ٿيو 27هين ترميم ۾ آئيني عدالت قائم ڪئي وئي، جيڪا اصل ۾ 26هين ترميم جي رهجي ويل ايجنڊا هئي. اسان جو موقف آهي ته انگ پورا ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ترميم پارليامينٽ ۾ آندي ويندي. 28هين آئيني ترميم بابت حڪومت اڃا ڪا تياري نه ڪئي آهي، تنهنڪري ڪنهن سان صلاح مشوري جو به سوال پيدا نٿو ٿئي. رانا ثناءالله چيو ته 18هين ترميم ذريعي اختيار وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل ٿيا، پر صوبن اهي اختيار هيٺين سطح تائين منتقل نه ڪيا. اصل مسئلو اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي آهي، جيڪو صوبن، ننڍن انتظامي يونٽن يا مڪاني حڪومتن جي نظام ذريعي حل ٿي سگهي ٿو اين ايف سي جي طرز تي پي ايف سي قائم ڪيو وڃي ۽ فنڊ يونين ڪائونسلن تائين پهچايا وڃن ته اختيار به هيٺين سطح تائين منتقل ٿي ويندا. هن سوال ڪيو ته آئيني تحفظ ڪانسواءِ مڪاني ادارا ڪيئن مضبوط ٿي سگهندا؟ هن وڌيڪ چيو ته هن وقت پاڪستان جو اصل مسئلو دهشتگردي آهي. نه ڪي مولانا فضل الرحمان جي گهر ٻاهران پيل به احترام سان ڪرڻ گهرجي. مان مولانا فضل الرحمان کي به گذارش ڪندس ته پنهنجي جذبن ۽ ڪاوڙ تي ضابطو رکن. مولانا جنهن انداز ۾ چئلينج ڪري ٿو ۽ سخت لفظ استعمال ڪري ٿو اهو پڻ مناسب ناهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وزيراعظم جي سطح تي مداخلت ڪئي وڃي ۽ ٻنهي ڌرين طرفان هڪ ٻئي جو احترام برقرار رکيو وڃي. وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار چيو ته پي ٽي آءِ وارا ملاقاتن جو غلط استعمال بند ڪن ته ملاقاتون ٻيهر شروع ٿي سگهن ٿيون. سلمان صفدر جي ملاقات ڪانپوءِ به اهو مسئلو پيدا ٿيو ۽ سندس حوالي سان چيو ويو ته باني پي ٽي آءِ جو بلڊ پريشر وڌي ويو هو. جيڪا ڳالهه غلط آهي. باني پي ٽي آءِ کي بلڊ پريشر وڌڻ جو ڪو مسئلو ناهي. سندس علاج ۾ ڪا به ڪوتاهي نه پئي ڪئي وڃي ۽ ڊاڪٽر جيڪي تجويزون ڏيندا، انهن تي فوري عمل ڪيو ويندو اڳ به سندس علاج ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي وئي آهي.

بقايا * 27**

ر ڪيو آهي اڳاري ڏينهن سماجي رابطي واري پليٽ فارم ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ صدر مملڪت چيو ته منهنجون دلي همدرديون فوت ٿي ويلن جي وارثن سان آهن هن چيو ته هن ڏکي گهڙي ۾ اسان جون دعائون ۽ نيڪ تمنائون متاثر خاندانن سان آهن ۽ اسين زخمين جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي جا خواهشمند آهيون صدر ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان ۽ عوام سان به دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ پاڪستان پنهنجي برادر ملڪ ترڪيه سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو.

بقايا * 28**

بنگلاديش، سري لنڪا ۽ قطر جي سفارتي نمائندن، واپاري شخصيتن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جي آمد تي ملائيشيا جي قونصل جنرل محمد يونس ابراهيم ۽ ايسوسيئيشن جي صدر شاهد جاويد قريشي سندس آجيان ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته پاڪستان ۽ ملائيشيا جا لاڳاپا گڏيل احترام، مشترڪ قدرن ۽ ثقافتي هم آهنگي تي ٻڌل آهن. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻي دوستي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پارلياماني سفارتڪاري، واپاري لاڳاپن ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي. هن هلندڙ سال سنڌ اسيمبلي ۾ منعقد ٿيل ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن (CPA) جي علائقائي ڪانفرنس ۾ ملائيشيا جي پارلياماني نمائندن جي شرڪت جو حوالو ڏيندي چيو ته اهڙيون سرگرميون پارلياماني ادارن وچ ۾ تجربن جي ڏي وٺ ۽ جمهوري قدرن جي واڌاري جو اهم ذريعو آهن. اسپيڪر چيو ته سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ واپار، زراعت، انفراسٽرڪچر، ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ سياحت جي شعبن ۾ ملائيشيا جي سيڙپڪارن لاءِ وسيع موقعا موجود آهن. ٻنهي ملڪن جي دوستاڻن لاڳاپن کي معاشي سهڪار ۽ عوامي ڀلائي جي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن پاڪستان ملائيشيا فرينڊشپ ايسوسيئيشن جي ٻطرفن واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپن جي فروغ لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيندي، مئي 2026ع ۾ ملائيشيا جي قونصلخاني جي سهڪار سان منعقد ڪيل پاڪستان آسيان (Pakistan–ASEAN) اڪنامڪ ڊائلاگ کي ان سلسلي ۾ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو. ان موقعي تي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي ايوارڊ حاصل ڪندڙ شخصيتن کي مبارڪباد ڏيندي پاڪ ملائيشيا لاڳاپن جي مضبوطيءَ لاءِ سندن خدمتن کي ساراهيو. پاڪستان ملائيشيا فرينڊشپ ايسوسيئيشن (PMFA) پاران تقريب ۾ خاص مهمان

بقايا * 29**

اڪثريت لازمي آهي هن چيو ته ريفرنڊم ذريعي آئين ۾ ترميم نه ٿي سگهي هن چيو ته ريفرنڊم ڪرائڻ لاءِ به آئيني ۽ پارلياماني طريقيڪار اختيار ڪرڻو پوندو نيئر بخاري چيو ته نون صوبن جي قيام جو آئيني ۽ جمهوري فورم صرف پارليامينٽ آهي، پارليامينٽ ۾ نون صوبن جي قيام تي ڪا به باضابطا بحث نه ٿي رهي آهي نيئر بخاري چيو ته جيڪڏهن آئين موجب نوان صوبا ٺاهيا وڃن ته ڪنهن کي اعتراض نه هجڻ گهرجي هن چيو ته پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ وفاقي وزير پارليامينٽ کان ٻاهر نون صوبن جون تجويزون ڇو ڏئي رهيا آهن؟ نيئر بخاري چيو ته نون صوبن جي ڳالهه ڪندڙ وزير اهو معاملو وفاقي ڪابينا ۾ ڇو نه ٿا آڻين نيئر بخاري چيو ته پيپلز پارٽي جو واضح موقف آهي ته عوامي راءِ جو احترام ڪيو وڃي. نيئر بخاري چيو ته نون صوبن جي قيام جو فيصلو ڪرڻ جو اختيار چونڊيل پارليامينٽ جي ميمبرن کي حاصل آهي هن چيو ته ڪنهن به سياسي جماعت نون صوبن جي قيام کي پنهنجي انتخاباتي منشور جو بنيادي نڪتو بڻائي چونڊن ۾ حصو نه ورتو

بقايا * 30**

۾ تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته ڪرپشن خلاف بيان ڏيڻ وارن کي هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿي، اهي پنهنجي ايندڙ سياسي بندوبست ۾ لڳل آهن. جيڪڏهن ڪين اعتراض آهي ته استعيفيٰ ڇو نٿا ڏين؟ هن چيو ته اهڙن ماڻهن جي تربيت ئي اهڙي ماحول ۾ ٿي آهي. جتي اهي پڇندا هئا ته ڪيتري رشوت وٺي آهي. هاڻي اهي پڇي ٻاهر ويٺا آهن. پنجاب جي وزيراعليٰ چيو ته خيبرپختونخوا ۾ ڪيترن ئي سالن کان ڪرپشن جو بازار گرم رهيو، ڇا سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ ڪرپشن ناهي؟ جن کي ڪرپشن تي اعتراض آهي، اهي وزير بڻجي ڇو ويٺا آهن.

بقايا * 31**

تان ٿيل منهن ماري بعد جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران ڇري جا وار لڳڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب جوابدار جي ڳولا جاري آهي. جڏهن ته جهيڙي واري واقعي جي وڌيڪ جاچ پڻ ڪئي پئي وڃي.

بقايا * 32**

ردن، عورتن ۽ ٻارن جو به شامل آهن. اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ سمورن متاثرن کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو متاثرن موجب پاڙي مان کير گهرائي چانهه تيار ڪئي وئي، جيڪا پيئڻ بعد هو بيهوش ٿي ويا. اسپتال ۾ داخل سمورن متاثرن جي حالت بهتر ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا * 33**

رن جي خرچ ۽ پرورش لاءِ عدالت پهچي وئي آهي. حيدرآباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مهرالنساءِ راڄپر جي ذاتي زندگي بابت الزام هڻندي چيو ته ممتاز لاشاري ڪيس 2010ع ۾ طلاق ڏني، جنهن ڪانپوءِ هوءِ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهائي پنهنجن ٻارن جو گذر سفر ڪري رهي آهي. مهرالنساءِ چيو ته ممتاز لاشاري رڳو شاديون ڪري ٿو پر ٻارن جي پرورش نٿو ڪري. هن الزام هنيو ته راڄپر سندس خلاف جعلي آءِ ڊي تان پوسٽون ڪري رهيو آهي وڌيڪ چيو ته ممتاز لاشاري ٻارن کي والد جي سڃاڻپ ڏيڻ کان به انڪار ڪري رهيو آهي، جڏهن ته اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ٻارن جو سڃاڻپ ڪارڊ ڳهريل هوندو آهي، پر ممتاز لاشاري اهو ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. مهرالنساءِ دعويٰ ڪئي ته جڏهن هن ممتاز لاشاري سان شادي ڪئي هئي، تڏهن سندس 9 شاديون ٿي چڪيون هيون ۽ هوءِ پاڻ پنجين نمبر تي هئي. جڏهن ته هاڻي سندس شادين جو انگ 16 ٿي ويو آهي. هن الزام لڳايو ته ممتاز لاشاري ڪانٽريڪٽ جهڙيون شاديون ڪندو آهي ۽ جڏهن زال کي اولاد ٿيندو آهي ته اها سندس لاءِ ڄڻ ته ايڪسپائر ٿي ويندي آهي. مهرالنساءِ سمون موجب، هن ٻارن جي خرچ ۽ پرورش لاءِ عدالت ۾ درخواست پڻ داخل ڪرائي آهي.

بقايا * 34**

ڪيو. آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه دهشتگرد مارجي ويا. آپريشن دوران مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار، مواصلاتي سامان ۽ روڪ رقم پڻ هٿ ڪئي وئي. هٿ آيل روڪ رقم ۾ عام بلوچ شهرين کان ڦريل رقم پڻ شامل آهي. آپريشن ڪانپوءِ علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي.

بقايا * 35**

رڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي خاص هدايت تي سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي انتظام هيٺ خاتون پاڪستان گورنمينٽ ڊگري گرلز ڪاليج ۾ ٻن ڏينهن واري ڪيڊو ڪراچي انٽر اسڪول ۽ ڪاليجيٽ گرلز گيمز 2026 منعقد ڪيو ويو آهي. افتتاحي تقريب دوران سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر ۽ اسپورٽس ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسد اسحاق رنگ برنگي غبارا فضا ۾ ڇڏي گيمز جو باقاعدي افتتاح ڪيو. ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ايسجي راندين جي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري رهيون آهن. ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته ڪيڊو ڪراچي انٽر اسڪول ۽ ڪاليجيٽ گرلز گيمز 2026 جو انعقاد سنڌ حڪومت جي ان عزم جو عملي قدم آهي ته شاگردياڻين کي راندين جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن ۽ عورتن جي راندين کي همٿ ڏني وڃي. هن چيو ته سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش خان مهر جي

بقايا عوامي سوچ 01

آهي هارين، آبادگارن ۽ مقامي ماڻهن جي ڀلائي توڙي روزگار جي فراهمي لاءِ غلام الله شهر ۾ قائم ٿيڻ وارو چانورن ۽ سارين جو ڪارخانو مڪلي لڳ ٺٽو سيمينٽ فيڪٽري پرسان منتقل ڪرڻ واري فيصلي خلاف شهرين ۽ آبادگارن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو، سافڪو اداري جي اعليٰ عملدارن ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي چانورن ۽ سارين جو ڪارخانو غلام الله شهر ۾ ئي قائم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن مقامي هارين، آبادگارن ۽ پورهيتن کي روزگار جا موقعا ملڻ سان گڏ معاشي فائدو پڻ حاصل ٿي سگهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته غلام الله ۽ ڀرپاسي وارا علائقا زرعي حوالي سان اهم حيثيت رکن ٿا، جتي وڏي تعداد ۾ آبادگار چانورن جي پوک ڪن ٿا اهڙي صورتحال ۾ ڪارخاني کي غلام الله مان منتقل ڪرڻ سبب مقامي آبادگار ۽ پورهيت ان سهولت ۽ روزگار جي موقعن کان محروم ٿي ويندا. جڏهن ته علائقي جي معاشي سرگرمين تي پڻ اثر پئجي سگهي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته جڏهن هي منصوبو غلام الله جي ماڻهن ۽ آبادگارن جي ڀلائي لاءِ رکيو ويو هو ته پوءِ ان کي ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ بابت اختيارين کي علائقي واسين کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪارخانو غلام الله شهر ۾ قائم ڪرڻ وارو مطالبو منظور نه ڪيو ويو ته سندن احتجاج جو سلسلو جاري رهندو هنن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ سافڪو انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته مقامي ماڻهن جي جائزخدشن کي نظر ۾ رکندي ڪارخانو غلام الله شهر ۾ ئي قائم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي صدر شيراز واريو جي اڳواڻي ۾ صبح 10 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين قائم ڪيل بک هڙتالي ڪئمپ ۾ صحافين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي صدر شيراز واريو، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي نائب صدر اعجاز واريو، ايچ يو جي يونٽ ٺٽو جي صدر شبير پٽي، عوامي پريس ڪلب ٺٽو جي صدر بلاول سمون، ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي صدر علي اڪبر دلواڻي، غلام الله پريس ڪلب جي صدر پيربل پياسي ۽ ٻين بک هڙتال دوران خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل، صحافي عظيم باريجو تي جامشورو ڪورٽ جي احاطي ۾ حملي، صحافين جي گهرن تي چڙهاين ۽ عورتن جي تذليل وارن واقعن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻڻ ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي جاچ ڪميشن قائم ڪئي وڃي، جڏهن ته صحافي باريجا پائرن خلاف داخل ڪيسن ۽ مبينا انتقامي ڪاررواين جو پڻ نوٽيس ورتو وڃي ۽ مقتول دلشير بُرفت جي قتل سان انصاف ڪيو وڃي. بُک هڙتال ڪئمپ ۾ ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي ميمبرن رياض خاصخيلي، قادر جاکرو، انور بيگ، سيد امداد شاهه، يوسف ميراڻي، مهيش ڪمار، شهباز شيخ، ڊي بي شمس ناهيو، دانش خاصخيلي، ستار ڪوريجو، عوامي پريس ڪلب جي ميمبرن مڪيش ديؤ ٺاڪر، مختيار چانڊيو، بلاول ٻابرو، پيغام سماجي تنظيم جي صدر اسماعيل سمون، ايوان صحافت پريس ڪلب جي عهديدار ارشاد عمر گندرو سميت ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 03

حلي وارڊ نمبر 2 جو رهواسي، اخباري ايجنٽ توڙي هاڪر محمد جمن ناهيو جگر جي بيماري سبب گهٽي عرصي جي علالت ۾ رهڻ بعد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم ڏکهي عرصي کان بيماري جي بستري تي پيل هو. وٽس ايترو به نه هو جو پنهنجو علاج ڪرائي سگهي. بيماري سبب هو روزگار کان به محروم ٿي ويو هو، جنهن ڪري سندس گهرياتي بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل هئا. مرحوم حياتي ۾ ٺٽي جي چونڊيل نمائندن سميت وس وارن کي علاج ڪرائڻ لاءِ ميڊيا ذريعي بار بار اپيل ڪئي. هن صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور سميت سمورن سياسي سماجي اڳواڻن کي اپيل ڪئي هئي ته سندس علاج ۾ مدد ڪري سندس حياتي بچائي وڃي، پر افسوس جو سندس ڪنهن به مدد نه ڪئي. مرحوم، مرحوم محمد عرس ناهيو جو پٽ، حافظ رجب علي ناهيو جو ڀاءُ، وحيد، رحمت الله ۽ ڪرم الله ناهيو جو چاچو هو. مرحوم جو جنازو ناهيا محلا مان سندس رهائش گاهه تان کنيو ويو، ۽ نماز جنازه شاهجهان مسجد ٺٽو ۾ ادا ڪئي وئي، مرحوم جي جنازي ۾ برادري جي ماڻهن سميت شهرين، صحافين، واپارين سميت ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته سندس مڙهه کي مڪليت تي سندس اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. شهرين پڻ انسانيت جي ناتي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن وقت سر مرحوم جي مدد ڪئي وڃي ها ته شايد اڄ هو پنهنجي ٻچن ۾ جيئرو هجي ها

بقايا عوامي سوچ 04

س جي اهميت ۽ افاديت بابت معلومات فراهم ڪئي. شاگردن کي خطاب ڪندي مضمون جي استاد محمد صفدر ٺٽوي چيو ته اهڙي پروگرام سان ٻار صرف ٻڌندا. لکندا يا پڙهندا نه آهن. پر پاڻ تجربا ڪندي سکندا آهن. ان سان انهن کي خيال ايندو آهي ته سائنس کي انهن جي روزاني زندگي ۾ ڪيئن لاڳو ڪيو ويندو آهي. هن پروگرام جو مقصد ٻارن لاءِ سائنس کي آسان بڻائڻ آهي. 'اسان جو مقصد ٻارن کي اهو سمجهڻ آهي ته اهي سائنس ذريعي هن دنيا جي مسئلن کي حل ڪري سگهن ٿا. ٻارن ۾ ياد رکڻ جي عادت ختم ٿيڻ گهرجي. انهن کي پنهنجن تجربن ذريعي سائنس کي سمجهڻ گهرجي ۽ انهن تجربن کي پنهنجي زندگي کي آسان بڻائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. شاگردن جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. ڇهين درجي جي شاگردن سيل، انساني نظام، ٻوٽن جي نظام، ڪاربن داءِ آڪسائيڊ جي نقصان، نائٽروجن چڪر، انساني حواس، هوائي آلودگي، مصنوعي ۽ قدرتي سيارن سان لاڳاپيل ماڊل پڻ پيش ڪيا ۽ انهن سان لاڳاپيل معلومات فراهم ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 05

قائم رکي ٿو. سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪنڀارن جو ڪرت صدين کان هلندو اچي ٿو، جيڪو نه رڳو روزگار جو ذريعو آهي پر اسان جي ثقافتي سڃاڻپ جو به اهم حصو آهي. سونڊا جي ڌرتيءَ تي به اهڙوئي هڪ محنتي ڪاريگر محمد جمن ڪنڀار موجود آهي، جيڪو پنهنجي هٿن جي هنر سان مٽيءَ کي خوبصورت شڪليون ڏئي مٽن، دلن ۽ ٺڪرجا مختلف ٿانوَ تيار ڪري ٿو. محمد جمن ڪنڀار جو ڪم رڳو ٿانوَ ٺاهڻ تائين محدود ناهي، پر هو پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ مليل هڪ اهڙي هنر کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جيڪو جديد دور ۾ آهستي آهستي ختم ٿيندو پيو وڃي. اڄ جڏهن مشينن ۽ جديد شين اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ جاءِ والاري ڇڏي آهي، تڏهن به اهڙا ڪاريگر پنهنجي محنت، هنر ۽ هٿن جي جادوءَ سان سنڌ جي پراڻي ثقافت کي زنده رکيو ويٺا آهن. افسوس جو اهڙن محنتي هنرمندن کي نه مناسب پذيرائي ملي ٿي ۽ نه ئي سندن هنر کي اڳتي وڌائڻ لاءِ خاص سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. حڪومت، ثقافتي ادارا ۽ سماجي تنظيمون محمد جمن ڪنڀار جهڙن ڪاريگرن جي حوصلا افزائي ڪن، سندن هنر کي محفوظ ڪن ۽ ڪين روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪن. چوته مٽيءَ مان ٿانوَ ٺاهڻ رڳو هڪ هنر ناهي، پر اهو اسان جي سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سڃاڻپ جو زنده ورثو آهي. سونڊا جي اهڙن پورهيت هٿن کي سلام، جيڪي پنهنجي محنت سان سنڌ جي ثقافت جو ڏيئو روشن رکيو اچن

بقايا عوامي سوچ 06

لاءِ سول اسپتال سڄاول پهچايو ويو. جتان ڪيس بهتر علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو ويو اطلاع موجب موٽرسائيڪل سوار محمد حسن ولد عبدالرحمان پنهنجي پٽ رستم سان گڏ گهر واپس اچي رهيو هو ته موٽرسائيڪل سامهون ايندڙ ايل اي ڊي لائيٽن سبب روڊ پرسان پيل پٿرن سان ٽڪرائجي وئي ، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي پيءُ پٽ روڊ تي ڪري پيا ۽ سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ محمد حسن ڪهرائي کي مٿي م ڌڪ لڳڻ سبب بيهوشي واري حالت م سول اسپتال سڄاول آندو ويو جتان ڪيس فورن ڪراچي ريفر ڪيو ويو آهي. زخمين جي وارثن جو چوڻ هو ته رات جي وقت ڪارن ۽ موٽرسائيڪلن تي لڳل تيز روشن ايل اي ڊي لائيٽون سامهون ايندڙ ڊرائيورن جي نظر کي متاثر ڪنديون آهن. جنهن ڪري روڊ ۽ سامهون رڪاوٽون صاف نظر نه اينديون آهن ۽ حادثن جو خطرو وڌي ويندو آهي. وارثن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته گاڏين ۾ غير معمولي روشنين جي استعمال جو نوٽيس وٺي قيمتي انساني جانين کي حادثن کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 07

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي خاص مهمان سنڌ گريجوئيٽس م ايسوسيئيشن جي چيئرمين رفيق احمد جعفري سميت ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پبلڪ اسڪول گڏاپ پاران ڊيننگ انسٽيٽيوٽ، الڪوثر يونيورسٽي ۽ پريسٽن يونيورسٽي سان اهم تعليمي معاهدا ڪيا ويا، جن تحت هوشيار ۽ مستحق شاگردن کي اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپس جا موقعا فراهم ڪيا ويندا. تقريب دوران شاگردن ۽ شاگرديائڻين پاران سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ تقريرون، ڪلامِ اقبال ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا، جڏهن ته نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام پڻ ورهايا ويا. مهمانن خطاب ڪندي چيو ته علامه اقبال جو فلسفهِ خودي، محنت ۽ خود اعتمادي نوجوان نسل لاءِ مشعلِ راهه آهي. تقريب جي پڄاڻي تي يومِ تاسيس جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ مهمانن کي يادگاري شيلڊون پيش ڪيون ويون. جڏهن ته پروگرام ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو چيئرمين رفيق احمد جعفري هو، جڏهن ته ۾ پيپلز پارٽي PS_84 ضلعي ملير جو صدر علي احمد جوکيو، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي، پريسٽن يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نعيم طارق ناريجو، ڊيننگ انسٽيٽيوٽ جو پروگرام ڊائريڪٽر محمد رفيع عباسي، الڪوثر يونيورسٽي جو پروفيسر ڊاڪٽر ثناءُ الله پنو، ڊاڪٽر وزير علي صائب، روشن تارا اسڪول جو چيئرمين خادم حسين ڪنڊرو، ويسٽ پريس ڪلب جو صدر علي اصغر پاٽني، ڊاڪٽر عبدالقيوم پنو، مير موسيٰ چنا، منظور حسين بلوچ، راشد حسين بلوچ، علي نواز جوکيو، ظفر حميد بلوچ، تاج محمد وساڻ، پيرل خان ڪوسو ۽ محبوب علي جوکيو سميت ٻيون اهم شخصيتون موجود هيون.

بقايا عوامي سوچ 08

ي سرپرستي جي غريب عورتن، يتيم نياڻين توڙي معصوم ۽ مسڪين ٻارڙن ۾ پاڻ لاءِ مفت ڪپڙن ڪانسواءِ راشن، ڪمبل، دوائون ۽ ٻيون گهريلو استعمال ۾ ايندڙ شيون ورهائي، تقسيم ڪندي ذهني، دلي توڙي روحاني سڪون ماڻي رهي آهي تازو خدمت انسانيت سماجي تنظيم جي چيئرپرسن محترمه عاصمه ارم ضلعي ٺٽي جي مشهور درگاهه عبدالله شاهه اصحابي ۽ ضلعي سڄاول جي مشهور درگاهه شاهه يقيق پهچي تي موجود غريب، يتيم ۽ معصوم ٻارڙن ۾ مفت ڪپڙا تقسيم ڪيا. غريب ٻارڙن ۾ مفت ڪپڙا ورهائڻ واري تقريب دوران هن صحافين کي بريفنگ ڏيندي چيو ته آئون بنا ڪنهن ڊونر ۽ سرڪاري سرپرستي جي هڙان وڙان غريبن جي مدد ڪري رهي آهيان جيڪا تاحيات جاري رهندي انشاالله. هن آخر ۾ اهو پڻ چيو ته خدائي خدمتگار جناب سردار بابر خان عباسي، سر وزير احمد قريشي، وفا اڪرم عباسي، خالد احمد عباسي، زوهيب خان عباسي ۽ ٻيا خدا ترس ماڻهو منهنجي هن غريب پروري واري عظيم خدمت ۾ منهنجي اخلاقي مدد ڪرڻ سان گڏ منهنجي بهتر رهنمائي پڻ ڪن ٿا ان ڪري آئون پنهنجي ان سموري ٽيم کي خراج تحسين پڻ پيش ڪريان ٿي

بقايا عوامي سوچ 09

يلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي انهن سنڌي بيت گيت پيش ڪندي واهه واهه ڪرائي ڇڏيو ان موقعي انهن جو چوڻ هو سنڌ صدين کان هڪ آهي سنڌ آهي ته پاڪستان آهي پر هن وقت ڪنهن سازش تحت سنڌ کي تباهه ڪيو ويو آهي جنهن جا روڊ رستا اسڪول ڪندرات جو ڏک ڏئي رهيا آهن جي سنڌ جا حڪمران سچا هجن ته سنڌ سون وارن ڌرتي آهي

بقايا عوامي سوچ 10

ختيارڪار اسيد ظفر چانڊيو ۽ انچارج انڪروچمينٽ قاضي امجد بشير جي اڳواڻيءَ ۾ روينيو، ميونسپل ۽ پوليس اهلڪارن آپريشن ڪيو. شاهه بازار، ٽلو بازار، پٽائي بازار، ريشم گلي، نيشنل بينڪ ۽ علي پارڪ روڊ تان ريڙها ۽ ٻيو سامان هٽائي، ڏڪا ۽ مختلف قبضي واريون شيون ضبط ڪيون ويون. مختيارڪار اسيد ظفر چانڊيو چيو ته ڏوڪري تعلقي ۾ غيرقانوني انڪروچمينٽ برداشت نه ڪئي ويندي، ٻيهر قبضو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ۽ ڪيس داخل ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 11

ي ڀهيجي وئي مسافر سخت پريشان ان موقعي تي مسافرن جو چوڻ آهي لاهور کان ڪراچي گرين لائين ٽرين ذريعي وڃي رهيا آهيون جنهن جو انجڻ خراب ٿي وڃڻ ڪري گڏريل ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بيٺل آهي ۽ اسان مسافر سخت گرمي ۾ معصوم ٻارڙن سميت پريشان آهيون ريلوي انتظاميا جو چوڻ آهي ته متبادل انجڻ ۽ ٽيڪنيڪل عملي کي طلب ڪيو ويو آهي جيڪو نوابشاه ۾ اچي رهيو جنهن بعد ٽرين کي درست ڪري روانو ڪيو ويندو ٻئي ٽرين خراب هجڻ ڪري مختلف مسافر ۽ مال بردار ريل گاڏين کي مختلف ريلوي اسٽيشنن تي بيهاريو ويو آهي.. ٻئي طرف 2 ڪلاڪن بعد ريلوي انتظاميا متبادل انجڻ گهرائي ريل کي روانو ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 12

حافين ڏٺي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو خلاف مبينا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ڏوڪري پريس ڪلب ۾ صحافين علامتي بک هڙتال ڪئي. احتجاج ۾ فدا حسين ابڙو، وحيد رمضان جوڻيجو، اطهر سنديلو، قاضي آفتاب احمد زبير زار منگي علي اصغر ميمڻ قاضي فريد احمد قاضي نياز حسين قاضي محمد امين ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي. صحافين چيو ته سنڌ ۾ صحافي غيرمحفوظ بڻيل آهن ۽ ڪين ڪوڙن ڪيسن ذريعي هراسان ڪيو پيو وڃي. هنن باريجو پائرن خلاف ڪيس ختم ڪري صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 13

ڪڻ جي پروقار تقريب ۽ عظيم الشان محفل نعت منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عالمن سڳورن، مذهبي شخصيتن، نعت خوانن ۽ عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران سڄو ماحول درود ۽ سلام ۽ نعتن جي روح پرور صدائن سان معطر ٿي ويو. تفصيل موجب ڪنري جي محلي امير آباد ۾ مسجد فيضان خديجه الڪبريٰ جي تعمير جي سلسلي ۾ پيڙهه جو پٿر رکڻ جي خصوصي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ دعوت اسلامي جي مبلغ مولانا محمد يوسف عطاري هالا واري مسجد جو پيڙهه جو پٿر رکيو. ان موقعي تي پير جنيد شاهه جيلاني، عمير مير رضا آسٽريليا، قاري مير حسن، ديدار حسين چاچڙ، الله بچايو ڪنڀار، ناهيد حسين سميت ٻيا عالم سڳورا پڻ موجود هئا. پيڙهه جو پٿر رکڻ واري تقريب کان اڳ عظيم الشان محفل نعت جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ مشهور نعت خوان منظور حسين ۽ ٻين نعت خوانن بارگاهه رسالت ۾ عقيدت ۽ محبت جا گل نڇاور ڪيا. نعت خوانن پنهنجي خوبصورت ۽ پرسوز آوازن ۾ حضور نبي ڪريم جي شان ۾ گلاءِ عقيدت پيش ڪيا، جنهن سبب محفل جو ماحول روح پرور بڻجي ويو. شرڪت ڪندڙن پاران درود ۽ سلام جا نذرانا پڻ پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي خطاب ڪندي دعوت اسلامي جي مبلغ مولانا محمد يوسف عطاري چيو ته مسجدون الله تعاليٰ جا گهر آهن ۽ انهن جي تعمير ۽ آبادڪاري وڏي سعادت ۽ عظيم نيڪي آهي. هر مسلمان کي گهرجي ته پنهنجي وس آهر مسجد جي تعمير ۾ حصو وٺي ۽ هن نيڪ ڪم کي صدقه جاريه سمجهي پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته حديث مبارڪ ۾ مسجد تعمير ڪرائيندڙ لاءِ جنت ۾ گهر نهڻ جي بشارت ڏني وئي آهي، جيڪا هن عمل جي عظمت ۽ فضيلت کي ظاهر ڪري ٿي. مولانا محمد يوسف عطاري وڌيڪ چيو ته مسجد صرف نماز ادا ڪرڻ جي جاءِ نه آهي، پر اها مسلمانن جي ديني، اخلاقي ۽ روحاني تربيت جو مرڪز پڻ آهي. مسجدن ذريعي نئين نسل کي قرآن ۽ سنت جي تعليمات کان روشناس ڪرائڻ، اسلامي قدرن کي هٿي وٺرائڻ ۽ معاشري ۾ محبت، ڀائيچاري، اخوت ۽ اتحاد جي فضا قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. هن علائقي واسين تي زور ڀريو ته هو مسجد جي تعمير ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺن ۽ هن عظيم ديني منصوبي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجو سهڪار جاري رکن. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن مسجد جي پيڙهه جو پٿر رکڻ کي محلي امير آباد لاءِ هڪ خوش آئند ۽ فخر جوڳو ديني قدم قرار ڏيندي مسجد جي تعمير ۾ ڀرپور سهڪار ڪرڻ جو عزم پڻ ظاهر ڪيو. تقريب جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، استحڪام، امت مسلمه جي سربلندي، دين اسلام جي ترويج ۽ اشاعت، علائقي واسين جي خوشحالي ۽ مسجد فيضان خديجه الڪبريٰ جي تعمير جلد مڪمل ٿيڻ لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 14

ونڊي وئي جنهن ۾ مريد حسين ٽانوري سرپرست اعلاه شير محمد ناريجو صدر شهزاد ملڪ سينئر نائب صدر معشوق ناريجو. نائب صدر حسين گل شاهاڻي نظرحسين سهتو نائب صدر طارق علي جتوئي جنرل سيڪريٽري مير سليم اڄڻ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري نديم احمد سيال جوائنٽ سيڪريٽري مسڪين علي شيخ فناس سيڪريٽري علي نواز جوڻيجو انفارميشن سيڪريٽري صدرالدين آفيس سيڪريٽري آصف علي لاڪو پريس سيڪريٽري ديدار علي لاڪو ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين معشوق علي ناريجو وائيس ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين ميمبر لال خان مري. عبدالرحمان عباسي. شوڪت علي آرائين.. مهتاب علي سهتو. بيشم ڪمار. شهزاد علي پناڻ. شاهزيب عباسي. حسنين جاگيراڻي. محمد عظيم سيال. راجا خان ناريجو. اجي ڪمار سوني. خالد آرائين جڏهن ته ايڊووڪيٽ فرمان حيدر مهر ايڊووڪيٽ محمد قاسم جامڙو ليگل ايڊوائيزر چونڊيا

بقايا عوامي سوچ 15

ت پاران ترڪي ڏڪار ستيل قرار ڏيڻ باوجود صرف بي آءِ ايس پي ۾ رجسٽرڊ هڪ لک 24 هزار خاندانن لاءِ امداد جو اعلان ناڪافي آهي. بي آءِ ايس پي ذريعي اڳ ئي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ خاندان رجسٽرڊ آهن انهن کي اضافي رليف ڏيڻ سان گڏ متاثر ٿيندڙ اڍائي لک ننين آبادگارن، هارين ۽ مالوند طبقي کي سڌي ريت سندن اڪائونٽن تي رليف ڏنو وڃي. هنچيو ته مسلسل برساتون نه پوڻ سبب ننڍن آبادگارن جا فصل ۽ سندن سموري سيڙپ تباهه ٿي وئي آهي، جڏهن ته چاري ۽ پاڻي جي کوٽ سبب مالوند خاندان سخت معاشي بحران جو شڪار آهن ۽ هزارين ماڻهو مال سميت بئراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. ارباب انور جبار مطالبو ڪيو ته احساس پروگرام جي طرز تي نادرا جي ڊيٽا ۽ بي آءِ ايس پي جي رڪارڊ ذريعي ٿر جي سمورن حقيقي متاثر خاندانن جي تصديق ڪري ڪين امدادي پروگرام ۾ شامل ڪيو وڃي، امدادي رقم سڌي ريت سندن اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي وڃي، ننڍن آبادگارن کي فصلن جي نقصان جو معاوضو ڏنو وڃي ۽ مالوند ماڻهن کي مفت يا سبسڊي تي ڪٽڪ ۽ چوپائي مال لاءِ چارو فراهم ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته گذريل ٽن مهينن کان ڏڪاري حالتون برقرار آهن ۽ هاڻي جڏهن اعلان ڪيو ويو آهي ته اڻپورو ۽ غيرواضح هجڻ سبب ۽ نئين سروي جو بهانو بڻائي وري ٽي چار مهينن تائين ڏڪاريل ٿر واسين کي رليف کان محروم نه رکيو وڃي ۽ اعلانن بدران فوري عملي قدم کڻڻ گهرجن

بقايا عوامي سوچ 16

۾ جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران ڏنڊن ۽ سروٽن جا وار لڳڻ سبب معشوق زئونر سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، زخمي معشوق زئونر الزام لڳائيندي چيو ته درياهه زئونر ۽ سهيل زئونر مٿس حملو ڪري ڪيس ڏنڊن ۽ سروٽن جا وار ڪري زخمي ڪيو آهي، هن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هوڏانهن بي سيڪشن پوليس زخمي جو بيان رڪارڊ ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا عوامي سوچ 17

والي سان منعقد ڪيل تقريبن ۾ شرڪت ڪري هندو برادري کي ديوالي جون مبارڪون ڏنيون ۽ سندن خوشين ۾ شريڪ ٿي. مختلف تقريبن ۾ سياسي، سماجي ۽ برادري جي معزز شخصيتن پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ ڪيس روايتي لونگي پارائي آجيان ڪئي وئي. تفصيل موجب ايم اين اي نيلم ڪماري ڏگهڙي ۾ ميگه مهان ڪالوني جي انچلانند جي رهائشگاهه تي منعقد ڪيل ديوالي جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جتي ڪالوني جي معزز شخصيتن انچلانند، موهن لال، گماچند پدم جي، ڪرشن لال ۽ پريو لال سندس استقبال ڪيو ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي ڪيس روايتي لونگي پارائي. ان موقعي تي نيلم ڪماري ميزبانن جا ٿورا مڃيندي چيو ته اهڙيون خوشيون هر روز نصيب ٿين، اسان جا ڀائر هميشه خوشيون ملهائيندا رهن ۽ ديوالي جو هي تهوار سڀني جي زندگين ۾ روشني، خوشحالي ۽ خوشيون کڻي اچي. هن وڌيڪ چيو ته ديوالي محبت، امن، ڀائيچاري ۽ روشنيءَ جو اهڙو تهوار آهي، جيڪو اسان کي گڏجي رهڻ ۽ هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ جو درس ڏئي ٿو. وزيراعظم پاڪستان جي ويزن ۽ قومي جذبي موجب ملڪ ۾ مذهبي هم آهنگي، اقليتن جي حقن جو تحفظ ۽ سمورن شهرين کي هڪجهڙا حق فراهم ڪرڻ پرامن ۽ خوشحال معاشري جي قيام لاءِ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ سمورين برادرين ملڪ جو حصو آهن ۽ هر شهري کي پنهنجي مذهبي تهوار آزادي ۽ خوشيءَ سان ملهائڻ جو حق حاصل آهي. ٻئي پاسي ڏيپلي ۾ پڻ ديوالي جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ روشن راهي، مني سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر لجپت راءِ، گنيش ڪمار، تلڪ چند بالاڻي ۽ ڪنول سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايم اين اي نيلم ڪماري ديوالي جي خوشين ۾ شريڪ ٿي برادري جي ماڻهن کي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. اهڙيءَ طرح ڪنري ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ سروَن، رميش، بالي، اعظم، ڊاڪٽر ڪانجي مل، پورو، تلڪ چند، رتن امباڻي ۽ ٻين ماڻهن شرڪت ڪئي، جڏهن ته عمرڪوٽ ۾ پڻ ديوالي جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مير امان الله ٽالپر، موهن لال موتي، مهيش ڪمار، ڀڳت ڪيول سميت سياسي، سماجي ۽ برادري جي وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڏيپلي کان آيل وفد پڻ عمرڪوٽ پهچي ديوالي جي خوشين ۾ شرڪت ڪئي. ايم اين اي نيلم ڪماري سمورين تقريبن ۾ شرڪت دوران هندو برادري کي ديوالي جون مبارڪون ڏيندي چيو ته خوشين جا اهڙا تهوار محبت، رواداري، يڪجهتي ۽ هڪ ٻئي جي احترام کي هٿي ڏين ٿا. اسان سڀني کي هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ گهرجي، ته جيئن ملڪ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جي فضا وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 18

سان گڏ 16 ورهين جي ڀيڻ مهتاب سولنگي جي اغوا خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪئي، ان موقعي تي هنن الزام هنيو ته هلندڙ مهيني 6 تاريخ تي حيدرآباد کان ڳوٺ واپس ويندي ڪڪڙ پرسان چودگي اسٽاپ وٽ فجر جي وقت چئن هٿياربندن ڪين روڪي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ هٿيارن جي زور تي 3 لک رپين جو سون ۽ 62 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪرڻ بعد سندن 16 ورهين جي ڀيڻ مهتاب سولنگي کي اغوا ڪري ويا، هنن چيو ته واقعي ڪانپوءِ هو ڀيڻ جي اغوا، ڦر ۽ تشدد جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ڪڪڙ ٿاڻي پهتا، پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڪين واپس موٽائي ڇڏيو. هنن خدشو ظاهر ڪيو ته سندن نابالغ ڀيڻ جي زندگي ۽ عزت کي سخت خطرو آهي، چاڪاڻ ته مبينا جوابدار بااثر آهن ۽ ڪين مسلسل موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. بينظير سولنگي الزام هنيو ته ڏهه سال اڳ به جميل جمالي جي پٽ صداقت عرف نينو جمالي سندس ڀيڻ صنم سولنگي کي اغوا ڪري زبردستي نڪاح ڪيو هو، جڏهن ته هاڻي ساڳيو جوابدار سندن ننڍي ڀيڻ مهتاب کي به اغوا ڪري ويو آهي، هنن دعويٰ ڪئي ته جوابدار سندن ويڳو پاڙيجو آهي ۽ خانداني تڪرار سبب ڪين مسلسل حراسان ڪيو پيو وڃي، احتجاج ڪندڙن چيو ته جوابدارن جي ڌمڪين سبب سندن گهرياتين جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي، ڪين خدشو آهي ته نابالغ مهتاب سولنگي سان ڪا به اڻٽڙندڙ حرڪت ٿي سگهي ٿي، ٿنهنڪري هو پنهنجي ۽ ڀيڻ جي جان جي تحفظ ۽ مهتاب جي بازيابي لاءِ گهران نڪري دادو پريس ڪلب پهتا آهن. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪين يا اغوا ٿيل مهتاب سولنگي کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جا ذميوار صداقت عرف نينوجمالي، سندس والد جميل احمد ۽ حاڪم زادي جمالي هوندا. پريس ڪانفرنس ذريعي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ انساني حقن جي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي 16 ورهين جي مهتاب سولنگي کي بازياب ڪرايو وڃي، جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت جو در کڙڪائڻ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 19

اقبال نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. ان موقعي تي "علامه اقبال جي تاريخي شخصيت" جي عنوان هيٺ هڪ پروقار سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن جي صدارت ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو ڪئي، سيمينار کي خطاب ڪندي پروفيسر سيد حب علي شاهه، پروفيسر خالد حسين سومرو، پروفيسر سلميٰ شيخ، پروفيسر فيروز علي لنڊ ۽ پروفيسر رشيد احمد لغاري چيو ته علامه محمد اقبال رڳو شاعر نه، پر هڪ عظيم فڪر، فلسفي ۽ تحريڪ جو نالو هئا

بقايا عوامي سوچ 20

ير بدين ۾ صحافين کي ٻڌايو ته گزريل ڏينهن هو راهوڪي پرسان ڳوٺ نور محمد گنبير ۾ پنهنجي اوطاق تي مهمانن سان ويٺو هو ته ايس ايچ او ڪڙيو گنهور فياض احمد وڏو منشي علي حسن گوپانگ عمران چانگ ياسين جوڻيجو ٻن موبائيلن ۾ سوار ٿي اوطاق کي گهيرو ڪري هٿيار ٽاڻي مون کي سخت مارڪٽ ڪري ڪنپي ڏاڙيلن جيان موبائيل ۾ اڇلايو ۽ مون وٽ پيل ٻه لک اسي هزار تي سئو ٻه روپيا ڪڍي ڪڙيو ٿاڻي تي وڃي لاڪ ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ منهنجا وارث ٿاڻي تي پهتا ته ايس ايچ او ڪين پيسا ڏيئي مون کي ڇڏائڻ جو چيو جنهن تي منهنجي پٽ ڪڙيو گنهور مان سينين کان هڪ لک اوڌارا ڪڻي ايس ايچ او فياض احمد کي ڏيئي مون کي ڇڏايو هن چيو ته منهنجي عمر 74 سال آهي مون تي ڪو به ڪيس ناهي پر صرف پيداگيري لاءِ مون سان هي ڏاڍائي ڪئي وئي آهي هن چيو ته مون ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي کي به درخواست ڏني آهي ۽ اميد آهي تي هو ڪڙيو پوليس خلاف ڪاروائي ڪندو هوڏانهن ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج بدين جي عدالت 14 نومبر تي جوابدارن ايس ايچ او ڪڙيو گنهور ۽ ٻين جوابدارن کي طلب ڪري ورتو آهي

بقايا عوامي سوچ 21

علي کُهڙو پاڪستان ۾ 12 نوان صوبا ٺاهڻ وارين تجويزن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته نون صوبن جي نالي تي سنڌ جي وحدت، تاريخي سڃاڻپ، جاگرافيائي حيثيت، قدرتي وسيلن ۽ عوام جي بنيادي حقن سان کيڏڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي، سنڌ ڪا انتظامي تجربن جي ليبارٽري ناهي جو حڪمران پنهنجي سياسي ۽ انتظامي ناڪامين تان ڌيان هٽائڻ لاءِ صوبن جي ورهاست جو معاملو اٿاريندا رهن، هنن چيو ته عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، غربت، بدامني، تعليم ۽ صحت جي ناقص سهولتن، پيئڻ جي صاف پاڻي، بجلي ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، حڪمران نون صوبن جا نقشا ٺاهڻ بدران عوام کي آئيني حق ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪن. صوبن جو انگ وڌائڻ سان سٺي حڪمراني ۽ خوشحالي جي ضمانت نٿي ملي، پر نئين انتظامي ڍانچي، اسيمبلين، سرڪاري آفيسن ۽ ادارن جي قيام سبب قومي خزاني تي وڌيڪ مالي بار پئجي سگهي ٿو، اصل ضرورت نوان صوبا ٺاهڻ بدران ڪرپشن جو خاتمو، اختيارن جي منصفاڻي ورهاست، مڪاني ادارن کي بااختيار بڻائڻ ۽ پٺتي پيل علائقن جي ترقي کي يقيني بڻائڻ آهي، اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت رڳو جاگرافيائي حدن جو نالو ناهي، پر اها سنڌ جي تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو حصو آهي، سنڌ جي عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ کانسواءِ ڪا به انتظامي ورهاست مڙهڻ قبول نه هوندي، جمعيت علماءِ اسلام انتظامي بهتري ۽ عوامي ترقي جي مخالف ناهي، پر انهن مقصدن جي آڙ ۾ سنڌ جي وحدت، خودمختياري، وسيلن ۽ عوامي حقن کي نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، سنڌ جي زمينن، سامونڊي پٽي، درياهي پاڻي ۽ قدرتي ذخيرن تي سنڌ جي عوام جي آئيني حقن جو تحفظ ضروري آهي، ڪنهن به آئيني تبديلي جو فيصلو سياسي مفادن بدران عوامي راءِ، جمهوري اصولن ۽ قومي اتفاق راءِ تحت ٿيڻ گهرجي، هنن واضح ڪيو ته جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ هر جمهوري، آئيني ۽ سياسي فورم تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي ۽ سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري تي ڪنهن به قسم جو ٺاهه نه ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 22

لف سرڪاري کاتن جا سربراهه ۽ لاڳاپيل آفيسر، ايس ايس پي عمرڪوٽ سُهائي عزيز ٽالپر، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٿو عمران آرائين، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر عمرڪوٽ اشرف علي جانوري، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر محمد علي، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نور محمد شيخ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري اسڪول مير حسن آريسر، ايڪسيئن حيسڪو علي حسن پٽي، ڊائريڪٽر نادرا نور محمد پنيرو، ڊي ايم پي پي ايچ آءِ دليپ ڪمار، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊولپمينٽ شاهد راجپوت، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت اياز ڪچيلو، چيف ميونسپل آفيسر عمرڪوٽ، ايڪسيئن ڊرينيج ڊويزن عمرڪوٽ تيمور خان، ڊسٽرڪٽ فاريسٽ آفيسر جان محمد سومرو، انچارج ٽريفڪ پوليس نور محمد سومرو، انسپيڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن علي حسن چانڊيو سميت ٻين کاتن جا آفيسر شريڪ ٿيا. ان موقعي تي سمورن آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن جي مجموعي ڪارڪردگي، جاري ترقياتي منصوبن، عوام کي فراهم ڪيل سهولتن ۽ کاتن کي درپيش مسئلن بابت ڊپٽي ڪمشنر کي مختصر بريفنگ ڏني. اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي چيو ته سمورا سرڪاري کاتا عوامي خدمت کي پنهنجي پهرين ترجيح بڻائين ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداري ۽ فرض شناسي سان ادا ڪن. هن چيو ته سرڪاري آفيسرن جو بنيادي مقصد عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ حڪومتي پاليسين تي اثرائتي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ آهي. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي کاتن جي ڪارڪردگي ۾ وڌيڪ بهتري آڻين، سرڪاري آفيسن ۾ ملازمن جي وقت سر حاضري يقيني بڻائين ۽ عوامي شڪايتن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪن. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته سمورن کاتن جا آفيسر پاڻ ۾ بهتر رابطو ۽ سهڪار برقرار رکن، جيئن ضلعي سطح تي جاري سرڪاري معاملن ۽ ترقياتي سرگرمين کي اثرائتي نموني اڳتي وڌائي سگهجي. هن هدايت ڪئي ته تعليم، صحت، پيئڻ جي صاف پاڻي، صفائي سترائي، روڊن جي بنيادي ڍانچي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي وارن معاملن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. سمورا لاڳاپيل کاتا پنهنجي شعبن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ عملي قدم کڻن ۽ عوامي مفاد جي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ يقيني بڻائين. هن واضح ڪيو ته سرڪاري معاملن ۾ غفلت، لاپرواهي ۽ غيرضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي ۽ سمورا آفيسر پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻن. ڊپٽي ڪمشنر ان عزم جو اظهار ڪيو ته ضلعي انتظاميا سمورن سرڪاري کاتن سان گڏجي ضلعي عمرڪوٽ جي ترقي، عوامي مسئلن جي حل ۽ شهرين کي

بقايا عوامي سوچ 23

اعليٰ حڪام کان انصاف جي اپيل ڪندي پنهنجي ۽ پنهنجي ڌيءُ سان پيش آيل دل ڏاريندڙ واقعي جا حقيقتون ميڊيا آڏو رکي ڇڏيون. ثانيه ميمڻ موجب سندس مڙس حاجي غني جي وفات کانپوءِ سندن مائٽ لقمان ميمڻ مسلسل سندس ۽ سندس ٻارن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي. ثانيه ميمڻ ٻڌايو ته "ئون ۽ منهنجي ڌيءُ نمره گهر ۾ اڪيليون موجود هيون سين ته مڙس جو مائٽ لقمان ميمڻ اسان جي گهر ۾ زبردستي داخل ٿيو ۽ هن منهنجي ڌيءُ سان نازيبا حرڪتون ۽ زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن مون هڪ ماءُ هجڻ ناتي ڪيس روڪيو ۽ ڌيءُ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هن مون تي تشدد شروع ڪري ڏنو ۽ مون کي وحشياڻي انداز ۾ مارڻ ڪٽڻ شروع ڪيو." پوليس جي ملي ڀڳت ۽ جوابدار کي فرار ٿيڻ ۾ مدد: متاثر عورت موجب، واقعي دوران سندس ڌيءُ همت ڏيکاريندي فوراً 15 (پوليس) تي ڪال ڪئي. پوليس موبائل موقعي تي پهچي جوابدار لقمان سان گڏوگڏ متاثر ماءُ ڌيءُ کي به ٿاڻي وٺي وئي. پوليس ماءُ ڌيءُ کي ميڊيڪل لاءِ جناح اسپتال روانو ڪري ڇڏيو، پر مبينه طور جوابدار کي ٿاڻي ۾ ئي آزاد ڇڏي ڏنو ويو. عورت انڪشاف ڪيو ته "جڏهن اسان ميڊيڪل ڪرائي واپس ٿاڻي پهتاسين ته جوابدار لقمان اتان غائب هو. اسان پوليس جي ان رويي تي شديد احتجاج ۽ گوڙ ڪيو، جنهن کانپوءِ پوليس مجبوراً اسان جي ايف آءِ آر (FIR) ته داخل ڪري ورتي، پر ٽيسين جوابدار کي فرار ٿيڻ جو مڪمل موقعو فراهم ڪيو ويو هو. پوليس جي ان مجرمانه غفلت جو فائدو وٺندي جوابدار ٻئي ئي ڏينهن عدالت مان گرفتاريءَ کان اڳ واري ضمانت حاصل ڪري ورتي." ثانيه ميمڻ جو چوڻ آهي ته هاڻي جوابدار لقمان ميڊيا تي اچي پاڻ کي بيگناهه ثابت ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ دعويٰ ڪري رهيو آهي ته سندس مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي وئي آهي. عورت جوابدار جي انهن دعوائن کي رد ڪندي چيو: "اسان وٽ واقعي جو مڪمل وڊيو ثبوت موجود آهي جيڪو منهنجي ڌيءُ نمره موقعي تي ٺاهيو هو." "15" پوليس جي مددگار ڪارروائي جي سرڪاري انٽري ۽ اهي پوليس اهلڪار به گواهه آهن جن جوابدار کي اسان جي گهر مان ريڊ هنڊيڊ (رنگي هٿين) حراست ۾ ورتو هو." سابقه ڪرائيم ريڪارڊ ۽ اعليٰ حڪام کان التجا: بيوه ثانيه ميمڻ روئندي ٻڌايو ته "جيسين منهنجو مڙس حاجي غني زنده هو، انهن ماڻهن جي اسان جي گهر ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي همت نه هئي. سندس انتقال کانپوءِ اسان کي لاوارث سمجهي بار بار تنگ ۽ هراسان ڪيو پيو وڃي. ٽاڻي ميمڻ گوٺ ۾ جوابدار لقمان خلاف پهرين کان ئي 4 کان 5 سنگين نوعيت جون ايف آءِ آرون داخل آهن ۽ هو هڪ پيشه ور مجرم آهي." متاثر بيوه وزيراعظم سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي جي رينجرز، ڊي آءِ جي ايسٽ زون ۽ ايس ايس پي ملير کان هٿ ٻڌي اپيل ڪئي آهي ته: واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدارانه تحقيقات ڪرائي وڃي. رشوت يا دٻاءُ ۾ اچي جوابدار کي فرار ڪرائيندڙ پوليس اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. جوابدار جو سابقه ڪرمنل ريڪارڊ مدنظر رکندي سندس ضمانت منسوخ ڪرائي ڪيس فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ هڪ بي وس بيوه ۽ يتيم ٻارن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

ي صفائي جي انتظامن ۽ ڪچرو کڻڻ واري نظام جو معائنو ڪيو جڏهن ته شهرين سان ملاقاتون ڪري سندن صفائي سترائي بابت مسئلا ۽ شڪايتون پڻ معلوم ڪيون ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عالمگير سولنگي ۽ حسيب قريشي پڻ ساٿس گڏ هئا ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ڪنڀر لاڳاپيل عملي کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته شهر ۾ صفائي سترائي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي ۽ ڪچري جي بروقت نيڪال کي يقيني بڻائي شهرين کي درپيش مسئلا حل ڪيا وڃن هن عملي کي هدايت ڪئي ته روهڙي جي سمورن وارڊن ۾ صفائي جي عمل کي اثرائتو بڻايو وڃي ته جيئن شهرين کي صاف سترو ماحول فراهم ڪري سگهجي

بقايا عوامي سوچ 25

هائوس مان سخت سيڪيورٽي ۾ دادو جي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، جتي سندس قلم 164 تحت بيان رڪارڊ ڪيو ويو. عدالت ۾ رڪارڊ ڪرايل بيان ۾ متاثر ناري آمنا رند پنهنجي والد جوابدار علي نواز رند مٿان مسلسل ڇهن مهينن تائين جنسي زيادتي ڪرڻ جا سنگين الزام لڳايا، جڏهن ته واقعي بابت گهر جي ٻين ڀاتين جي خاموش رهڻ بابت پڻ بيان ڏنو. بيان رڪارڊ ٿيڻ بعد عدالت متاثر ناري کي تحفظ جي پيش نظر دارالامان حيدرآباد منتقل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ياد رهي ته چار ڏينهن اڳ دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قلندرآباد محلي ۾ هي افسوسناڪ واقعو پيش آيو هو، جتي نائين ڪلاس جي شاگرديائڻي آمنا رند سان سندس پيءُ پاران مبينا زيادتي جو واقعو پيش آيو هو، جنهن بابت وڊيو پڻ ثبوت طور پيش ڪئي وئي هئي، واقعي بابت زيادتي، دئي وئي هئي، واقعي بابت زيادتي، دهشتگردي، ڊيوٽي اتڪاءُ ۽ ڏوهه لڪائڻ سميت مختلف قلمن تحت پنج ڪيس داخل ٿيل آهن، جن ۾ پوليس پاران چار ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته واقعي جو مک جوابدار ۽ متاثر ناري جو والد علي نواز رند اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو آهي، مک جوابدار جي گرفتاري نه ٿيڻ سبب پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي رهيا آهن، جڏهن ته متاثر ناري کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ جوابدار جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو پيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

۽ ٻين جي ڌانهيندي چيو ته اوگرا پاران مقرر ڪيل سرڪاري اگهن باوجود ايل پي جي گئس جا رٽيلر پنهنجي مرضيءَ جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن جنهن سبب گئس 550 کان 600 رپيا في ڪلو تائين وڪرو ڪئي پئي وڃي مظاهرين جو چوڻ هو ته مهانگي اگهه تي گئس خريد ڪرڻ سبب سندن روزاني جوخرچ پورو ڪرڻ ۽ گهرن جو گذر سفر هلائڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي اڳ ئي مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ پورهيت رڪشا ڊرائيور هاڻي گئس جي وڌندڙ اگهن سبب معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن سکر ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ايل پي جي گئس جي وڪري وارن اگهن جي فوري چڪاس ڪرائي وڃي اوگرا جي مقرر ڪيل سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ حڪومتي اگهن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ واپارين خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن پورهيت طبقي کي رليف ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 27

ي بک هڙتال ۾ سينئر صحافي مريد حسين ٽانوري شير محمد ناريجو طارق جتوئي شهزاد ملڪ علي بخش گوپانگ سميت ٻين شرڪت ڪئي علامتي بک هڙتال تي وينل صحافين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حق ۽ سچ لکڻ تي سنڌ ۾ سدائين صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين حراسان ڪيو وڃي ٿو تازو هڪ وڏيري جي ونگار وهيندي ڪوٽڙي پوليس باريجا صحافي ڀائرن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن ۽ پوليس گهرن ۾ داخل ٿي چادر چوديواري جو جيڪو تقدس پامال ڪيو آهي انهي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا علامتي بک هڙتال تي وينل صحافين پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته باريجا صحافي ڀائرن تي داخل ڪيس فوري ختم ڪري صحافين سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 28

ومتي ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٻين پيٽرول پمپن تي ڳرا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي پاران فيصل فلنگ اسٽيشن علي واهڻ، روهڙي اسٽيشن چوڪ تي يڪ الله پيٽرول پمپ سميت شهر جي مختلف پيٽرول پمپن جي چڪاس ڪئي وئي اسسٽنٽ ڪمشنر عُروَ الوُثقٰ جو چوڻ هو ته عوام کان مقرر سرڪاري اگهن کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ ۽ حڪومتي هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي اهڙن پيٽرول پمپ مالڪن خلاف قانون موجب ڪارروايون جاري رهنديون جيئن عوام کي مقرر اگهن تي پيٽرول جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سافڪو جو غلام الله ۾ قائم ٿيڻ وارو چانورن جو ڪارخانو مڪلي منتقل ڪرڻ خلاف شهرين ۽ آبادگارن جو احتجاج

سارين جو ڪارخانو مڪلي لڳ ٺٽو سيمينٽ فيڪٽري پرسان منتقل ڪرڻ واري فيصلي خلاف شهرين ۽ آبادگارن پاران سخت احتجاج ڪيو ويو آهي

معاملي جو فوري نوٽيس وٺي چانورن ۽ سارين جو ڪارخانو غلام الله شهر ۾ ئي قائم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي

جيئن مقامي هارين، آبادگارن ۽ پورهيتن کي روزگار جا موقعا ملڻ سان گڏ معاشي فائدو پڻ حاصل ٿي سگهي

غلام الله (رپورٽ بابو جان هنگورجو) ضلعي ٺٽي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي اداري سافڪو (SAFWCO) پاران غلام الله شهر ۽ پرپاسي جي علائقن جي ماڻهن سان مبينا ناانصافي ڪرڻ تي علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر پکڙجي وئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ٺٽو پريس ڪلب مڪلي آڏو علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

ٺٽو پريس ڪلب مڪلي جي صدر شيراز واريو جي اڳواڻي ۾ صبح 10 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين قائم ڪيل بک هڙتالي ڪئمپ ۾ صحافين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت

صحافين جي گهرن تي چڙهائين ۽ عورتن جي تذليل وارن واقعن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

واقعي جي حقيقتن کي سامهون آڻڻ ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي جاچ ڪميشن قائم ڪئي وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ڪوٽڙي ۾ نوجوان دلشير برفت جي قتل، صحافي باريجا ڀائرن خلاف داخل ڪيسن، سنڌن گهرن تي چڙهائين ۽ ڄامشورو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ٺٽو پريس ڪلب مڪلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ٺٽو پريس ڪلب
WELCOME

اپيلون ڪندي گذاري ويو، ڪنهن به سار نه لڌي _ بيمار اخباري ايجنٽ محمد جمن ناهيو لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم ڊگهي عرصي کان بيماري جي بستري تي پيل هو، وٽس ايترو به نه هو جو پنهنجو علاج ڪرائي سگهي

بيماري سبب هو روزگار کان به محروم ٿي ويو هو، جنهن ڪري سندس گهر ياتي بک ۽ بدحالي جو شڪار بڻيل هئا

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) اپيلون ڪندي گذاري ويو، ڪنهن به سار نه لڌي _ بيمار اخباري ايجنٽ محمد جمن ناهيو لاڏاڻو ڪري ويو ٺٽي شهر جي ناهيا م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سائنس جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي ۾ هڪ تقريب منعقد

هن تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن سائنس ماڊلز، ڊرائنگ ۽ چارٽس ذريعي سائنس جي اهميت ۽ افاديت بابت معلومات فراهم ڪئي

اهڙي پروگرام سان ٻار صرف ٻڌندا، لکندا يا پڙهندا نه آهن، پر پاڻ تجربا ڪندي سکندا آهن : استاد

ان سان انهن کي خيال ايندو آهي ته سائنس کي انهن جي روزاني زندگي ۾ ڪيئن لاڳو ڪيو ويندو آهي

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) سائنس جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. هن تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن سائنس ماڊلز، ڊرائنگ ۽ چارٽس ذريعي سائن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٺڪر جا ٿانو ٺاهيندڙ ڪاريگر محمد جمن ڪنڀار سنڌ جي قديم تهذيب، ثقافت ۽ روايتن ۾ مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جو هنر هڪ خاص مقام رکي ٿو

سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪنڀارن جو ڪرت صدين کان هلندو اچي ٿو، جيڪو نه رڳو روزگار جو ذريعو آهي

اسان جي ثقافتي سڃاڻپ جو به اهم حصو آهي، سونڊا جي ڌرتيءَ تي به اهڙوئي هڪ محنتي ڪاريگر محمد جمن ڪنڀار موجود آهي

جيڪو پنهنجي هٿن جي هنر سان مٽيءَ کي خوبصورت شڪليون ڏئي مٽن، دلن ۽ ٺڪر جا مختلف ٿانو تيار ڪري ٿو

ٺٽو (ڊر رپورٽ واحد شورو) سونڊا جي سڃاڻپ، مٽيءَ جي ٿانون جو هنر ۽ محنت جو هڪ روشن نالو مٽن دلن ۽ ٺڪر جا ٿانو ٺاهيندڙ ڪاريگر محمد جمن ڪنڀار سنڌ جي قديم تهذيب، ثقافت ۽ روايتن ۾ مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جو هنر هڪ خاص م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

PIC·COLLAGE

سليمان کهڙائي پرسان تيز روشني ايل اي ڊي لائٽس سبب موٽرسائيڪل سوار پيءُ پٽ پٿرن سان ٽڪرائجي شديد زخمي

زخمين کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ سول اسپتال سجاول پهچايو ويو، جتان ڪيس بهتر علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو ويو

موٽرسائيڪل سوار محمد حسن ولد عبدالرحمان پنهنجي پٽ رستم سان گڏ گهر واپس اچي رهيو هو

موٽرسائيڪل سامهون ايندڙ ايل اي ڊي لائيٽن سبب روڊ پرسان پيل پٿرن سان ٽڪرائجي ويا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي پيءُ پٽ روڊ تي ڪري پيا ۽ سخت زخمي ٿي پيا

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ميرپور بٺورو روڊ بس اسٽاپ سليمان کهڙائي پرسان تيز روشني ايل اي ڊي لائٽس سبب موٽرسائيڪل سوار پيءُ پٽ پٿرن سان ٽڪرائجي شديد زخمي، زخمين کي فوري طور تي طبي امداد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

پبلڪ اسڪول گڏاپ ۾ 14هون يوم تاسيس ۽ شاعرِ مشرق علامه محمد اقبال جو يومِ ولادت ملهايو ويو

جناح آڊيٽوريم ۾ منعقد تقريب ۾ تعليمي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، استادن، شاگردن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب جي خاص مهمان سنڌ گريجوئيٽس م ايسوسيئيشن جي چيئرمين رفيق احمد جعفري سميت ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي

ان موقعي تي پبلڪ اسڪول گڏاپ پاران ڊيننگ انسٽيٽيوٽ، الڪوثر يونيورسٽي ۽ پريسٽن يونيورسٽي سان اهم تعليمي معاهدا ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پبلڪ اسڪول گڏاپ ۾ 14هون يومِ تاسيس ۽ شاعرِ مشرق علامه محمد اقبال جو يومِ ولادت ملهايو ويو، جناح آڊيٽوريم ۾ منعقد تقريب ۾ تعليمي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، استادن، شاگردن ۽ والدي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪراچي واسڻ هڪ خدا ترس عورت ميڊم عاصمه ارم هڪ بيواهه عورت هوندي به زماني جا طعنا ۽ تهمتون سهندي پنهنجي فلاحي تنظيم سان سرشار

غريب عورتن، يتيم نياڻين توڙي معصوم ۽ مسڪين ٻارڙن ۾ پائڻ لاءِ مفت ڪپڙن ڪانسواءِ راشن، ڪمبل، دوائون ۽ ٻيون گهريلو استعمال ۾ ايندڙ شيون ورهائي

عبدالله شاهه اصحابي ۽ ضلعي سجاول جي مشهور درگاهه شاهه يقيق پهچي تي موجود غريب، يتيم ۽ معصوم ٻارڙن ۾ مفت ڪپڙا تقسيم ڪيا

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) ڪراچي واسڻ هڪ خدا ترس عورت ميڊم عاصمه ارم هڪ بيواهه عورت هوندي به زماني جا طعنا ۽ تهمتون سهندي پنهنجي فلاحي تنظيم خدمت انسانيت سماجي تنظيم ::جي پليٽ فارم تان غريب پروري جهڙي عظيم جذبي سان سرشار ٿي ڪراچي کان ويندي قديم ۽ تاريخي ضلعي ٺٽي ۽ سجاول تائين اڪيلي سر پهچي هڙان وڙان بنا ڪنهن ڊونر يا سرڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

GREAT JOB!
Help the Needy
HELP

اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ رمضان خاصخيلي ۾ ثقافتي مشاعرو ڪوٺايو ويو

فتح محمد خاصخيلي، گل محمد خاصخيلي، الهبچايو خاصخيلي، اياز خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت

سنڌ صدين کان هڪ آهي سنڌ آهي ته پاڪستان آهي پر هن وقت ڪنهن سازش تحت سنڌ کي تباهه ڪيو ويو آهي

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ رمضان خاصخيلي ۾ ثقافتي مشاعرو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ شاعرن حاجي غلام حيدر خاصخيلي، فتح محمد خاصخيلي، گل محمد خاصخيلي، الهبچايو خاصخيلي، اياز خاصخ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو
10-Nov-2026, 15:38

دادو: 16 ورهين جي نينگري مهتاب سولنگي اغوا، ڪٽنب جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

ڪڪڙ پوليس تي ڪيس داخل نه ڪرڻ جو الزام

متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت جو در ڪڙڪائڻ جو اعلان ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ٽرڙي جادو شهيد جي ڳوٺ رتو خان سولنگي جي رهواسڻ بينظير سولنگي پنهنجي امڙ بشيران خاتون ۽ ڀاءُ عرفان سولنگي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڪنري ۽ عمرڪوٽ ۾ ديوالي جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريبن ۾ شرڪت ڪري هندو برادري کي ديوالي جون مبارڪون

مختلف تقريبن ۾ سياسي، سماجي ۽ برادري جي معزز شخصيتن پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو

معزز شخصيتن انچلانند، موهن لال، گماچند پدم جي، ڪرشن لال ۽ پريو لال سندس استقبال ڪيو ۽ خوشيءَ جو اظهار

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار ڀٽي) ايم اين اي نيلم ڪماري ضلعي عمرڪوٽ جي مختلف شهرن ڊگهڙي، ڊيپلو، ڪنري ۽ عمرڪوٽ ۾ ديوالي جي ح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

دادو ۾ پلاٽ جي تڪرار تان زئونر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ڏنڊن ۽ سروٽن جا وار، هڪ ڄڻو سخت زخمي، اسپتال منتقل

بي سيڪشن پوليس زخمي جو بيان رڪارڊ ڪري واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ٿاڻي بي سيڪشن جي حدن ۾ آرمي پبلڪ اسڪول پرسان پلاٽ جي تڪرار تان زئونر برادري جي ٻن ڌرين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٿرجي سمورن ڏڪار متاثر خاندانن کي امداد ڏني وڃي: ارباب انور جبار

صرف بي آءِ ايس پي رجسٽرڊ خاندانن تائين رليف محدود نه ڪيو وڃي

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو) ارباب گروپ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ضلعي ناظم ٿرپارڪر ارباب انور جبار پنهنجي پريس بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪوم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ سال 2027 جي باڊي سرپرست اعلي مريد حسين ٿانوري جي نگراني ۾ چونڊي وئي

جنهن ۾ مريد حسين ٿانوري سرپرست اعلاءِ شير محمد ناريجو صدر شهزاد ملڪ سينئر نائب صدر معشوق ناريجو مقرر

ايڊووڪيٽ فرمان حيدر مهر ايڊووڪيٽ محمد قاسم چانڊيو ليگل ايڊوائيزر چونڊيا

گمبٽ (رپورٽ : علي بخش گوپانگ) عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ سال 2027 جي باڊي سرپرست اعلي مريد حسين ٿانوري جي نگراني ۾ چ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

AWAMI MEDIA PRESS CLUB
عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ
مريد حسين ٿانوري
شهزاد ملڪ
ديدار علي لاڪو
معشوق علي ناريجو
مير سليم اڄڻ

مسجد فيضان خديجت الڪبريٰ جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي پروقار تقريب ۽ عظيم الشان محفل نعت منعقد

جنهن ۾ عالمن سڳورن، مذهبي شخصيتن، نعت خوانن ۽ عاشقانِ رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب دوران سڄو ماحول درود ۽ سلام ۽ نعتن جي روح پرور صدائن سان معطر ٿي ويو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار ڀٽي) ڪنري جي محلي امير آباد ۾ دعوت اسلامي جي اهتمام هيٺ مسجد فيضان خديجت الڪبريٰ جي پيڙهه جو پٿر ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڏهرڪي ۾ صحافين جي علامتي بک هڙتال، باريجو ڀائرن خلاف ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو

قاضي آفتاب احمد زبير زار منگي علي اصغر ميمڻ قاضي فريد احمد قاضي نياز حسين قاضي محمد امين ۽ ٻين صحافين شرڪت

سنڌ ۾ صحافي غير محفوظ بڻيل آهن ۽ کين ڪوڙن ڪيسن ذريعي حراسان ڪيو پيو وڃي : صحافي

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي ۾ صحافين جي علامتي بک هڙتال، باريجو ڀائرن خلاف ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ڪوٽڙي جي ص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

احتجاج
احتجاج
احتجاج

ڳوٺ رمضان خاصخيلي سامهون مسافر ٽرين گرين لائن ٽرين انجڻ خراب، مسافر پريشان

جنهن جو انجڻ خراب ٿي وڃڻ ڪري گذريل ڪيترن ئي ڪلاڪن کان بيٺل آهي

اسان مسافر سخت گرمي ۾ معصوم ٻارڙن سميت پريشان آهيون ريلوي انتظاميا

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ رمضان خاصخيلي سامهون مسافر ٽرين گرين لائن ٽرين انجڻ خراب هجڻ ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڏهرڪي ۾ انڪروچمينٽ خلاف آپريشن، ڪيترائي غيرقانوني قبضا ختم

انچارج انڪروچمينٽ قاضي امجد بشير جي اڳواڻيءَ ۾ روينيو، ميونسپل ۽ پوليس اهلڪارن آپريشن ڪيو

ٻيهر قبضو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ۽ ڪيس داخل ڪيا ويندا

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي ۾ انڪروچمينٽ خلاف آپريشن، ڪيترائي غيرقانوني قبضا ختم تفصيل موجب شهر ۾ وڌندڙ انڪروچمينٽ خلاف م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ يومِ اقبال ملهايو ويو

علامه اقبال جي فڪر، فلسفي ۽ پيغام کي نئين نسل تائين پهچائڻ جو عزم

ان موقعي تي ”علامه اقبال جي تاريخي شخصيت“ جي عنوان هيٺ هڪ پروقار سيمينار منعقد ڪيو ويو

علامه محمد اقبال رڳو شاعر نه، پر هڪ عظيم فڪر، فلسفي ۽ تحريڪ جو نالو هئا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز ڪراچي ۽ ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن جي خاص هدايتن تي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ 10 نومبر تي يومِ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

نور محمد ڳنڀير تي تشدد ڪري ڪنيي لاڪ اپ ڪرڻ خلاف سيشن جج جي عدالت ۾ ايف آءِ ار داخل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل

ايس ايڇ او ڪڙيو گنهور فياض احمد وڏو منشي علي حسن گوپانگ عمران چانگ ياسين جوڻيجو ٻن موبائيلن ۾ سوار ٿي

اوطاق کي گهيرو ڪري هٿيار تاڻي مون کي سخت مارڪٽ ڪري ڪنيي ڌاڙيلن جيان موبائيل ۾ اڇليو

سيشن جج بدين جي عدالت 14 نومبر تي جوابدارن ايس ايڇ او ڪڙيو گنهور ۽ ٻين جوابدارن کي طلب ڪري ورتو

بدين (رجب راهمون) ايس ايڇ او ڪڙيو گنهور طرفان زميندار ۽ شهيد فاضل راهو جي ساٿي نور محمد ڳنڀير تي تشدد ڪري ڪنيي لاڪ اپ ڪرڻ خلاف سيشن جج جي عدالت ۾ ايف آءِ ار داخل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪامريڊ نور محمد ڳنڀ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

محبت علي کهڙو پاڪستان ۾ 12 نوان صوبا ٺاهڻ وارين تجويزن تي ڳڻتيءَ جو اظهار

جاگرافيائي حيثيت، قدرتي وسيلن ۽ عوام جي بنيادي حقن سان کيڏڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي : ناصر خالد محمود سومرو

حڪمران پنهنجي سياسي ۽ انتظامي ناڪامين تان ڌيان هٽائڻ لاءِ صوبن جي ورهاست جو معاملو اٿاريندا رهن

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي لاڙڪاڻي جي امير علامه ناصر خالد محمود سومرو ۽ جنرل سيڪريٽري محبت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي جي صدارت هيٺ تعارفتي اجلاس

انسپيڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن علي حسن چانڊيو سميت ٻين کاتن جا آفيسر شريڪ ٿيا

ترقياتي منصوبن، عوام کي فراهم ڪيل سهولتن ۽ کاتن کي درپيش مسئلن بابت ڊپٽي ڪمشنر کي مختصر بريفنگ ڏني

شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداري ۽ فرض شناسي سان ادا ڪن

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار ڀٽي) ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي جي صدارت هيٺ ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ ۾ ضلعي جي سمورن سرڪاري کاتن جي آفيسرن سان تعارفي اجلاس منعقد ڪيو ويو، اجلاس ۾ ضلعي جي مخت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ثانيه ميمڻ جي دانهن: مڙس جي وفات کانپوءِ بااثر مائٽ جي غنڊه گردي، ڌيءُ سان زيادتي جي ڪوشش ۽ پوليس جي مجرمانه لاپرواهي

مليرجي علائقي ميمڻ ڳوٺ جي رهواسي هڪ بي وس بيوه ثانيه ميمڻ اعليٰ حڪام کان انصاف جي اپيل

پنهنجي ۽ پنهنجي ڌيءُ سان پيش آيل دل ڏاريندڙ واقعي جا حقيقتون ميڊيا آڏو رکي ڇڏيون. ثانيه ميمڻ

سندس مڙس حاجي غني جي وفات کانپوءِ سندن مائٽ لقمان ميمڻ مسلسل سندس ۽ سندس ٻارن جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ثانيه ميمڻ جي دانهن: مڙس جي وفات کانپوءِ بااثر مائٽ جي غنڊه گردي، ڌيءُ سان زيادتي جي ڪوشش ۽ پوليس جي مجرمانه لاپرواهي مليرجي علائقي ميمڻ ڳوٺ جي رهواسي هڪ بي وس بيوه ثانيه ميمڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ڪٽپر سکر ۽ روهڙي جو چارج سنڀالڻ کانپوءِ روهڙي شهر ميونسپل ڪميٽي جي سمورن 12 وارڊن جو دورو

روهڙي (رپورٽ جمال ڪٽپر) سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ڪٽپر سکر ۽ روهڙي جو چارج سنڀالڻ کانپوءِ روهڙي شهر ميونسپل ڪميٽي جي سمورن 12 وارڊن جو دورو ڪري صفائي سترائي ۽ ڪچري جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ڪٽپر مختلف علائقن ۾ پهچ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ONE NEWS
NOTE50

دادو: پيءُ هٿان 6 مهينن تائين نياڻي سان مبينا زيادتي

متاثر ناري جو عدالت ۾ 164 وارو بيان رڪارڊ، جوابدار پيءُ اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو

دادو ۾ پيءُ پاران پنهنجي ئي نياڻي سان مسلسل ڇهن مهينن تائين مبينا جنسي زيادتي ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي ۾ اهم اڳڀرائي

متاثر ناري آمنا رند کي بي سيڪشن پوليس پاران سيف هائوس مان سخت سيڪيورٽي ۾ دادو جي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ پيءُ پاران پنهنجي ئي نياڻي سان مسلسل ڇهن مهينن تائين مبينا جنسي زيادتي ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. متاثر ناري آمنا رند کي بي سيڪشن پوليس پاران سيف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

روهڙي ۾ ايل پي جي گئس جي دڪاندارن پاران من پسند اگهه وصول ڪرڻ خلاف گذريل ڏينهن رڪشا ڊرائيورن پاران احتجاجي مظاهرو

اوگرا پاران مقرر ڪيل سرڪاري اگهن باوجود ايل پي جي گئس جا رٽيلر پنهنجي مرضيءَ جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن

مهانگي اگهه تي گئس خريد ڪرڻ سبب سندن روزاني جو خرچ پورو ڪرڻ ۽ گهرن جو گذر سفر هلائڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي

مهانگي اگهه تي گئس خريد ڪرڻ سبب سندن روزاني جو خرچ پورو ڪرڻ ۽ گهرن جو گذر سفر هلائڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويو آهي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ ايل پي جي گئس جي دڪاندارن پاران من پسند اگهه وصول ڪرڻ خلاف گذريل ڏينهن رڪشا ڊرائيورن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي سيد نديم شاهه، عباس ڪنڊ، ضمير ٿهيم، وزير چاموٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

SUPER TIGER

گمبٽ ۾ ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقه گمبٽ پاران احتجاجي علامتي بک هڙتال

علامتي بک هڙتال ۾ سينئر صحافي مريد حسين ٿانوري شير محمد ناريجو طارق جتوئي شهزاد ملڪ علي بخش گوپانگ سميت ٻين شرڪت ڪئي

حق ۽ سچ لکڻ تي سنڌ ۾ سدائين صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين حراسان ڪيو وڃي ٿو

گمبٽ (ٽر) ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان جي سڏ تي گمبٽ ۾ ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقه گمبٽ پاران ڪوٽڙي جي باريجا صحافي ڀائرن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف يونين عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڄامشورو پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي علامت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

حڪومتي سبسڊي جا فائدا عوام تائين نه پهچائڻ وارين شڪايتن تي مختلف پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي

ڪارروائي دوران ٻه پيٽرول پمپ سيل ڪيا ويا حڪومتي ايس او پيز جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ٻين پيٽرول پمپن تي ڳرا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪيا ويا

روهڙي اسٽيشن چوڪ تي يڪ الله پيٽرول پمپ سميت شهر جي مختلف پيٽرول پمپن جي چڪاس ڪئي وئي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَ الوُثقَ پاران شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ مقرر ڪيل سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمت تي پيٽرول وڪرو ڪرڻ ۽ حڪومتي سبسڊي جا فائدا عوام تائين نه پهچائڻ وارين شڪايتن تي مختلف پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي ڪارروائي دوران ٻه پيٽرول پمپ سيل ڪيا ويا حڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28